بسم الله الرحمن الرحيم

اڪيلي الله جي ساراهن کان بعد ان پيغمبر ﷺ جي پاڪ ذات تي صلواتون ۽ سلام جنهن کي ڏٺي تعاليٰ جهان ۽ جهان وارن لاءِ رحمت بڻايو، اها ذات ڪير به نه آهي سواءِ حضرت محمد عربي ﷺ جي ، سندس پاڪ ۽ پاڪيزه ڪٽنب ۽ وفادار ساٿين تي به درود ۽ سلام.

هي ڪتاب جيڪو اوهان جي آڏو آهي" بغداد جي عالمن جي ڪانفرنس" جي نالي سان لکيو ويو . قصو هن ريت آهي ته سلطان شاه سلجوقي برڪ عالم نظام الملڪ جي اڳواڻي ۾ سيني شيعه ۽ سني عالمن کي ان ڪانفرنس لاءِ گڏ ڪيو.

بادشاه ضدي، هٺيلو ، ۽ بي فڪر انسان ڪونه هو جو اکيون بند ڪري پنهنجي وڏن جي پيروي ڪري بلڪه پاڻ محقق ، ڪامياب ۽ علم ۽ ڄاڻ جو پياسو انسان هو، ان هوندي عيش عشرت ۽ شوق شڪار جو پڻ شوقين هو.

ٻئي طرف سندس وزير نظام الملڪ ڏاهو بزرگ ، دنيا کان پري ارادي جو پختو نيڪ ڪمن ۽ نيڪ ماڻهن سان محبت ڪرڻ وارو ۽ حقيقتن جي کوجنا ڪندڙ هو ۽ پيغمبرجي پاڪ خاندان عليهم السلام سان پڻ ڏاڍي الفت هئس. ان بغداد ۾ نظاميه مدرسي جو بنياد رکيو ۽ طالبعلمن لاءِ ماهوار وظيفي جو پڻ بندو بست ڪيو هو، غريبن ۽ مسڪينن سان پڻ رواداري رکندو هو.

هڪ دفعي حسين بن علي نالي هڪ ناميارو عالم(جيڪو شيعن جو هڪ برڪ عالم ليکيو ويندو هو) سلطان شاه سلجوقي وٽ ڪنهن ڪم سانگي ويو، جڏهن بادشاهه وٽان واپس ٿي وريو تہ درٻارين منجهان ڪنهن سندس شان ۾ گستاخي ڪئي.

بادشاهه ڪائنس پڇيو تہ ان بزرگ جي شان ۾ گستاخي چوڪيئي؟

ان وراڻيو : بادشاهه سلامت کي خبر ناهي ڇا ؟ تہ هي انهن ڪافرن منجهان آهي جن تي الله جو ڏمر ۽ لعنت آهي؟

بادشاهه وڏي اچرج مان پڇيو تہ ڇا هي مسلمان ناهي؟

ان شخص جواب ڏنو : نہ نہ ! حقيقت ۾ اهو هڪ شيعو آهي.

بادشاهه چيو : شيعو وري ڇاهي؟ ڇا شيعہ مسلمانن جو هڪ فرقو ناهي؟

ان چيو : نہ بلڪل نہ ! حقيقت ۾ شيعا ابوبڪر ، عمر ۽ عثمان کي نبي اڪرم ﷺ جو جانشين ڪونہ ٿا مڃين.

بادشاهه چيو: ڇا ڪو اهڙو بہ مسلمان آهي جيڪو انهن کي رسول الله ﷺ جو خليفو نہ مڃيندو هجي؟

چيائين: هائو ! رڳو انهن شيعن جو اهو عقيدو آهي.

بادشاهہ چيو : جيڪڏهن شيعا انهن صحابين کي خليفو ٿا مڃين تہ پوءِ ماڻهو انهن کي مسلمان ڪيئن ٿا سمجهن ؟.

ان شخص چيو : انڪري ئي تہ مون عرض ڪيو تہ اهو شخص ڪافرن منجهان آهي.

بادشاهہ سوچ ۾ پئجي ويو ۽ چيائين اسان جي وزير نظام الملڪ کي حاضر ڪيو وڃي تہ جيئن خبر پوي تہ حقيقت ڇا آهي؟

بادشاهہ پنهنجي وزير نظام الملڪ کي گهرائي ان ڪان شيعن بابت پڇا ڪئي تہ ڇا اهي مسلمان آهن؟

وزير جواب ڏنو : سنين جو پاڻ ۾ ان مسئلي بابت اختلاف آهي ڪجهہ چون ٿا تہ اهي مسلمان آهن ، ڇو تہ اهي بہ خدا جي هيڪڙائي ۽ حضرت محمد ﷺ جي نبوت جو اقرارڪن ٿا ۽ نماز روزو پڻ بجا آڻن ٿا ۽ وري ڪجهہ جو عقيدو آهي تہ شيعہ ڪافر آهن.

بادشاهہ پڇيو تہ: شيعن جو انگ ڪيترو آهي؟

وزير چيو: پڪي انگ اڪر جي تہ خبر ناهي پر لڳ ڀڳ اڌ مسلمان شيعہ آهن.

بادشاهہ چيو : ڇا اڌ مسلمان ڪافر آهن؟!

وزير: ڪجهہ عالم سڳورا انهن کي ڪافر ٿا سمجهن پر آءٌ انهن کي ڪافر ڪونہ ٿو سمجهان.

بادشاهہ چيو: اي وزير ڇا شيعہ ۽ سني عالمن کي گڏ ڪري سگهين ٿو؟! تہ ڏسون تہ حقيقت ڇا آهي؟

وزيرچيو: اهو ڪم ڏاڍو ڏکيو آهي مونکي ان ڪم سان بادشاهہ سلامت جي جان ۽ سندس حڪومت جو ڊپ ٿو لڳي.

بادشاهہ چيو : ڇو؟

وزير وراڻيو : شيعہ سني مسئلو ڪو سادو مسئلو ناهي بلڪہ حق ۽ ناحق جو مسئلو آهي ان تي پهريان بہ وڏي رتو ڇاڻ ٿي آهي، ڪيترائي ڪتبخانہ ساڙيا ويا۽ ڪيترين ئي زائفون ڪنيزون ڪيون ويون ۽ انسائيڪلوپيڊيا لکيا ويا آهن ۽ وڏيون وڏيون جنگيون پڻ لڳيون آهن.

بادشاهہ کي ان ڳالهہ تي عجب لڳو ٿوري سوچ ويچار کان پوءِ چيائين تہ توکي تہ پلي پت ڄاڻ آهي تہ الله سائين اسانکي هيءَ وسيع حڪومت عطا ڪئي آهي ۽ هٿياربند لشڪر پڻ اسان جي اختيار ۾ ڏنو اٿس بس الله سائين جي انهن نعمتن جو شڪرانو بجا آڻڻ گهرجي.

۽ اسان جو شڪرانو اهو آهي تہ حقيقت تائين پهچون ۽ ٻٽڪيلن جي سنئين واٽ ڏانهن رهنمائي ڪريون انهن ٻنهين (شيعہ ۽ سني) فرقن مان هڪ بر حق ۽ ٻيو باطل ۽ ڪوڙو هئڻ گهرجي اسان جو فرض ٿو بڻجي تہ حق کي ڳولهي ان جي پيروي ڪريون ۽ باطل کي سڃاڻي کيس ڦٽو

ڪريون. جڏهن شيعہ، سني عالمن کي گڏ ڪري اها گڏجاڻي تشڪيل ڏنئہ تہ امن فوج ۽ سرڪاري محررن ۽ حڪومت جي ٻين عهديدارن کي پڻ گهرائينداسين ۽ جي ڏٺوسون تہ سني برحق آهن تہ طاقت جي زور تي شيعن کي سني ٿيڻ تي مجبور ڪنداسين.

وزير: جيڪڏهن شيعہ سني ٿيڻ کان انڪار ڪن تہ پوءِ ڇا ڪندؤ؟

بادشاهہ : تہ انهن کي قتل ڪنداسين.

وزير : ڇا اهو ٿي سگهي ٿو تہ مسلمانن جي اڌ تعداد کي قتل ڪري ڇڏجي؟

بادشاهہ: تہ پوءِ ڇا ڪجي ؟

وزير : ڪين سندن حال تي ڇڏي ڏيو.

بادشاهہ ۽ وزير جي وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ تہ ختم ٿي وئي پر جوان بادشاهہ سوچ ۾ پئجي ويو ۽ پريشاني جي عالم ۾ رات گهاريائين ۽ سڄي رات اک اک سان ڪونہ لڳس.

ٻئي ڏينهن فجر جو بادشاهہ سندس وزير نظام الملڪ کي گهرائي چيو تہ مونکي تنهنجي صلاح وٺي آهي اسين شيعہ سني عالمن کي دعوت ڏئي سندن بحث مباحثي کي ڪن ڏئي ٻڌون ٿا ۽ خبر پئجي ويندي تہ ڪير حق تي آهي ۽ جيڪڏهن حق سنين جي پاسي هوندو تہ شيعن کي چڱي نصيحت ذريعي حق جي طرف اچڻ جي دعوت ڏينداسين ۽

ڏن و دولت وسيلي کين پاڻ ڏانهن ڇڪينداسين ۽ جهڙي ريت پاڻ سڳورا ﷺ ڪافرن جي دلين کي اسلام ڏانهن موهڻ لاءِ ساڻن ورتاءُ ڪندا هئا ۽ اهڙي ريت اسلام ۽ مسلمانن جي وڏي خدمت ڪنداسين .

وزير چيو: اها تہ چڱي ڳالهہ آهي ليڪن مونکي ڊپ ٿو لڳي.

بادشاهہ: ڊپ وري ڇاجو ؟

وزير : ڊڄان ٿو تہ شيعا ڪامياب ٿي وڃن ۽ سندن دليل اسان جي دليلن کان ڳرا ٿي وڃن ۽ ماڻهو شڪ ۽ شبهن ۾ پئجي وڃن .

بادشاهہ: ڇا اهو ٿي سگهي ٿو جو شيعا ڪامياب ٿي وڃن ؟

وزير: هائو! ڇو جو شيعن وٽ بہ پنهنجي مذهب جي عقيدن جي برحق هئڻ بابت قرآن مجيد ۽ حديث شريف مان پختا دليل ۽ چٽا برهان موجود آهن.

بادشاهہ وزير جي جواب مان مطمئن نہ ٿيو ۽ چيائين : اسين ٻنهين فرقن جي عالمن کي گڏ ڪنداسين تہ جيئن اسان لاءِ حق وائکو ٿئي ۽ حق کي ناحق کان الڳ ڪري سگهون .

آخرڪار وزير هڪ مهيني جي مهلت گهري پر جوان بادشاهہ قبول نہ ڪيو ۽ آخر ۾ ڪيس پندرهن ڏينهن جي مهلت ڏنائين.

انهن پندرهن ڏينهن ۾ وزير اهل سنت جي ڏهن وڏن عالمن کي گڏ ڪيو جيڪي تاريخ ، فقہ، حديث ،اصول ۽ مناظري جي علمن ۾ پاڻ مڃايل هئا ۽ شيعن جي پڻ ڏهن وڏن عالمن کي دعوت ڏني.

اها پهرين ڪانفرنس شعبان جي مهيني ۾ بغداد جي نظاميہ مدرسي ۾ منعقد ٿي ان گڏجاڻي ۾ طئي ٿيو تہ بادشاهہ جي سڏايل ڪانفرنس هيٺين شرطن سان منعقد ٿيندي :

١) ڪانفرنس صبح کان وٺي رات تائين جاري رهندي ؛ نماز ڪاڏي ، ۽ ٿوري آرام ڪانسواءِ ان ۾ ٻيو ڪوبہ وقفو ڪونہ ٿيندو.

٢) گفتگو ۽ تقريرون ٻڌل سڌل ۽ مشهورڳالهين جي بنياد تي نہ بلڪہ پڪن حوالن ۽ معتبر ڪتابن جي بنياد تي هئڻ گهرجن.

٣) هن ڪانفرنس ۾ جيڪا بہ تقرير ۽ گفتگو ٿيندي اها لکي ويندي.

ڪانفرنس لاءِ مقرر ڪيل ڏهاڙي بادشاهہ ۽ وزير ؛ فوج ، پوليس ۽ ٻين وڏن عهديدارن سان گڏ اچي ويٺا ، سني عالم بادشاهہ جي ساڄي پاسي ڪان ۽ شيعہ عالم سندس کاٻي پاسي ڪان ٿي ويٺا ڪانفرنس جي شروعات وزير نظام الملڪ پنهنجي هنن لفظن سان ڪئي.

بسم الله الرحمن الرحيم

حضرت ختمي مرتبت ﷺ ۽ سندس پاڪ آل ۽ سندس وفادار ساٿين تي صلوات ۽ سلامن بعد !

هتي ڳالهين جي مٿا ستا هر قسم جي ذاتي مفادن کان آجي ۽ سالم هئڻ گهرجي، هن ڪانفرنس ۾ موجود ڌرين جو مقصد حق تائين رسائي هئڻ گهرجي ، ڪهڙي به صورت ۾ رسول اڪرم ﷺ جي صحابين کي گهٽ وڌ نه ڳالهايو وڃي.

(شيخ عباسي نالي) سني عالمن جي چڱي مڙس چيو ته : آءٌ اهڙي مذهب وارن سان بحث نٿو ڪري سگهان جيڪي سيني صحابين کي ڪافر ٿا سمجهن.

(حسين بن علي علوي) شيعه عالمن جي اڳواڻ چيوته: اهي وري ڪير آهن جيڪي سيني صحابين کي ڪافر ٿا سمجهن؟

عباسي چيو: توهان شيعا ئي ته آهيو جيڪي هڙني صحابين کي ڪافر سمجهندا آهيو.

سيد علوي : اهو تون ٿو چوين! اها ڳالهه حقيقت کان سراسر وانجهيل آهي ڇا علي عليه السلام ، سلمان ، ابن عباس ، مقداد ، ابوذر وغيره صحابي نه هئا ڇا تون چوڻ چاهين ٿو ته اسين انهن کي ڪافر ٿا سمجهون ؟!

عباسي : سيني صحابين مان منهنجو مقصد ابوبڪر ، عمر، عثمان ۽ سندن پوئلڳ آهن .

علوي: تو پنهنجي ڳالهه پاڻ رد ڪئي ڇا منطق ۾ثابت ناهي ته موجب جزئيه قضيي جو نقيض سالبه ڪليه هوندو آهي؟

تون هڪ دفعو چوين ٿو ته شيعه سيني صحابين کي ڪافر ٿا سمجهن ۽ وري ٻيهر ٿو چوين ته شيعه ڪجهه صحابين کي ڪافر ٿا سمجهن !

نظام الملڪ ڪجهه چوڻ پئي گهريو ليڪن علوي ڪيس ڳالهائڻ جو موقعو ڪونه ڏنو ۽ چوڻ لڳو ته جيسين اسين ڳالهائڻ ڪان بي وس نه ٿيون ڪنهن کي به وچ ۾ ڳالهائڻ جو حق ناهي ڇو ته ان ريت اسان جو بحث رلي ملي ويندو ۽ ڳالهه پنهنجي اصل محور کان نڪري ويندي ۽ نتيجي تائين نه پهچي سگهندي.

علوي اڳتي چيو: اي عباسي تنهنجي اها دعوا ته شيعه صحابين کي ڪافر ٿا سمجهن چٽو ڪوڙ آهي.

عباسي وٽ جواب جو چارو ڪونه رهيو ۽ سندس منهن شرم کان ڳاڙهو ٿي ويو آخر ۾ چيائين:ان ڳالهه کي ڇڏ ليڪن اهو ته واضح آهي ته توهان شيعا ابوبڪر ، عمر ۽ عثمان کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا آهيو.

علوي چيو: ڪي شيعا انهن کي گهٽ وڌ چوندا آهن ته ڪي وري ايئن ڪونه ٿا ڪن .

عباسي وجهه وٽي چيو: تون ڪهڙي گروهه مان آهين؟

علوي چيو : آءٌ ان گروهہ منجهان آهيان جيڪي ايئن ڪونہ ٿا ڪن ليڪن اهو بہ مڃيان ٿو تہ جيڪي ڪين گهٽ وڌ ڳالهائين ٿا انهن وٽ بہ دليل موجود آهن ۽ منطقي ۽ عقلي دليلن مطابق ان نتيجي تي پهتا آهن. شيعن جي ان گروهہ جو انهن ٽن کي ڳالهائڻ نہ ڪفر جو سبب آهي ۽ نہ وري فسق جو ۽ نہ ئي گناهہ صغيره آهي.

عباسي چيو : بادشاهہ سلامت ڏسو ٿا تہ هي همراه ڇا ٿو چوي؟

علوي چيو : اي عباسي ! بحث کي بادشاهہ ڏانهن موڙڻ هڪ قسم جو مغالطو آهي ، بادشاهہ اسان کي گڏ ڪيو آهي تہ اسين پنهنجي دليلن بابت ڳالهايون تہ جيئن آخر ۾ حق جي خبر پوي ۽ جيڪو حق کي نہ مڃي هٿيارن جي زور تي ڪيس حق قبول ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي.

بادشاهہ چيو: علوي ٺيڪ ٿو چوي ان مدعا جي رد ۾ تو وٽ ڪهڙا دليل آهن ؟

عباسي : اهو تہ واضح آهي تہ جيڪو بہ صحابہ کي گهٽ وڌ چوي اهو ڪافر آهي.

علوي : ٿي سگهي ٿو تو وٽ اها ڳالهہ واضح هجي ليڪن منهنجي لاءِ اهو واضح ڪونهي.

جيڪو دليل ۽ اجتهاد جي بنياد تي اهو ڪم ڪري تہ تنهنجي نظر مطابق اهو ڪافر ڇو هئڻ گهرجي ؟!

۽ هوڏانهن چا تون ان ڳالهہ کي نٿو مڃين تہ جنهن تي رسول ﷺ لعنت ڪري اهو لعنت جو حقدار آهي؟

عباسي : ها ان ڳالهہ تي منهنجو ايمان آهي.

علوي : رسول خدا ﷺ ابوبڪر ۽ عمر تي لعنت ڪئي آهي.

عباسي : رسول خدا ﷺ انهن تي ڪٿي لعنت ڪئي آهي ؟ اهو تہ رسول اڪرم ﷺ تي سراسر ڪوڙ مڙهڻ ٿيو.

علوي : اهل سنت جا تاريخدان چون ٿا تہ رسول اڪرم ﷺ اسامہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ لشڪر تيار ڪيو ۽ ابوبڪر ۽ عمر کي پڻ ان لڪشر جو حصو بڻايو ۽ فرمايو: جيڪو بہ اسامہ جي لشڪر جي خلاف ورزي ڪري ۽ ان کان منهن موڙي ان تي الله جي لعنت هجي. ليڪن انهن ٻنهين ان لشڪرجي خلاف ورزي ڪئي ، اهڙي ريت رسول الله ﷺ جي لعنت انهن کي بہ وڃي پهتي ، جنهن تي رسول الله ﷺ لعنت ڪري تہ مسلمانن تي بہ فرض آهي تہ ان تي لعنت ڪن.

ان تي عباسي ڪنڌ کڻي هيٺ ڪيو ۽ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪڇيو.

بادشاهہ پنهنجي وزير ڏانهن منهن ڪري چيو : چا علوي جي ڳالهہ صحيح آهي؟

وزير چيو : مؤرخن[1] ايئن لکيو آهي.

علوي اڳتي چيو : جيڪڏهن ڪجهه صحابين کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۽ لعنت ڪرڻ حرام ۽ ڪفر جو سبب هجي ته پوءِ معاويه بن ابي سفيان کي ڪافر چونه ٿا چئو ۽ مٿس فسق ۽ فجور جي فتوىٰ چونه ٿا لڳايو ؟ جڏهن ته هو چاليهن سالن تائين علي بن ابي طالب عليه السلام کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهيو ۽ انجي اها سنت ستر سالن تائين هلندي رهي.

بادشاهه چيو : ان ڳالهه کي ڇڏي ڪنهن ٻئي موضوع بابت گفتگو ڪريو.

عباسي : توهان شيعن جي هڪ بدعت هي آهي ته قرآن کي ڪونه ٿا مڃيو.

علوي : بلڪه اها بدعت توهانجي آهي جو قرآن کي ڪونه ٿا مڃيو ۽ منهنجي ان دعوىٰ جو دليل هي آهي جو چئو ٿا ته "قرآن کي عثمان گڏ ڪيو ". اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو رسول اڪرم صلي الله عليه وآله جي زماني ۾ قرآن جمع نه ٿيو هجي جڏهن ته پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله پنهنجي خاندان ۽ ساٿين کي قرآن جي ختم جو حڪم ڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته اول کان وٺي آخر تائين قرآن جي تلاوت ڪن ۽ فرمائيندا هئا جيڪو به قرآن جو ختم ڪيندو ته ان جو هي ثواب آهي.

---

[1] طبقات ابن سعد : حصو٢ ،ج٢،ص ٤١ ، تاريخ ابن عساڪر :٣٩١/٢ ، ڪنزالعمال : ٣١٢/٥، الڪامل ابن اثير١٢٩/٢.

ڇا اهو ٿي سگهي ٿوجو قرآن جي جمع ٿيڻ کان بغير ان جي ختم جوحڪم ڏجي؟

ڇا تمام مسلمان پٽڪيل هئا جو عثمان اچي انهن کي گمراهي کان ڇوٽڪارو ڏنو؟

بادشاهه وزير کي چيو: هي جيڪو علي چوي ٿو ته سنين جي نظريي مطابق قرآن کي عثمان جمع ڪيوڇا اهو صحيح آهي؟!

وزير چيو : مفسر ۽ مؤرخ ايئن ئي ٿا چون.

علوي چيو :ڇاٿي وٺو ته قرآن مجيد جنهن صورت ۾ آهي ان ئي صورت ۾ رسول اڪرم ﷺ جي زماني ۾ جمع ڪيو ويو ۽ ان مان هڪ اکر به گهٽ وڌ نه ٿيو آهي ، ليڪن سني چون ٿا ته قرآن ۾ گهٽتائي ۽ واڌارو ٿيوآهي ۽ ان جون آيتون هيٺ متي ٿيل آهن ۽ رسول اڪرم ﷺ انکي جمع نه ڪيو بلڪ عثمان بادشاهه ٿيڻ بعد پهريون پيرو اهو ڪم ڪيو.

عباسيءَ موقعي مان فائدو وٺندي چيو : بادشاهه سلامت ڇا توهان نه ٻڌو ته هن شخص عثمان کي خليفو نه پر بادشاهه سڏيو.؟!

علوي چيو : هائو! عثمان خليفو ڪونه هو .

بادشاهه چيو ڇو؟ !

علوي چيو : شيعن جو عقيدوآهي تہ ابوبڪر، عمر ۽ عثمان جي خلافت ناحق هئي.

بادشاهہ (اچرج مان) پڇيو: تہ ڇو؟!

علوي : ڇوتہ عثمان عمر جي مقرر ڪيل ڇهن ڄڻن جي ڪاميٽي ذريعي حڪومت حاصل ڪئي جڏهن تہ ڪاميٽي جي هڙئي ميمبرن بہ عثمان کي خليفو ڪونہ چونڊيو هو بلڪہ انهن مان ٽن يا چئن ڄڻن ڪيس منتخب ڪيو انڪري عثمان جي خلافت جو جواز فقط عمر ذريعي ئي ثابت ٿئي ٿو.

جڏهن تہ عمر پاڻ ابوبڪر جي وصيت موجب حڪومت تي پهتو انڪري عمر جي حڪومت جو راز بہ ابوبڪرجي وصيت تي ٻڌل آهي.

هوڏانهن ابوبڪر پاڻ تلوار جي چمڪ ۽ زور تي هڪ مختصر گروهہ جي چونڊ ذريعي زبردستي حڪومت تي پهتو انڪري ابوبڪر جي خلافت بہ تلوار ۽ طاقت جي ٽيڪ تي هئي.

اهو ئي سبب هو جو عمر ابوبڪر جي خلافت جي باري ۾ چيو تہ"ماڻهن جو ابوبڪرجي بيعت ڪرڻ تڪڙن ۽ جاهليت جي اڻ سوچيل ڪمن مان هڪ ڪم هو الله سندس شر کان مسلمانن کي محفوظ رکي انڪري اڄ کان

بعد جيڪو بہ اهڙي قسم جي بيعت برپا ڪري تہ ڪيس قتل ڪري ڇڏيو.“

ابوبڪر پاڻ بہ چيو: مونکي ڇڏيو ۽ پنهنجي بيعت واپس وٺو جيستائين علي توهان وٽ موجود آهي آءٌ توهان مان بهترين ناهيان. انڪري ئي شيعن جوعقيدو آهي تہ انهن ٽنهين جي خلاف منڊان باطل ۽ بي بنياد هئي.

بادشاهہ وزير ڏانهن منهن ڪري چيو : علوي جيڪي ڳالهيون ابوبڪر ۽ عمر ڏانهن منسوب ڪيون آهن ڇا اهي حقيقت آهن؟

وزير چيو : هائو ! مؤرخن ايئن ئي چيو آهي.

بادشاهہ پڇيو : پوءِاسين انهن کي محترم ڇو ٿا سمجهون؟

وزير چيو: پنهنجي نيڪ وڏڙن جي پيروي ڪندي.

علوي : بادشاهہ سلامت وزير کان پڇو تہ حق جي پيروي ضروري آهي يا پنهنجي اڳوڻن وڏڙن جي ؟ جيڪڏهن وڏن جي پيروي حق جي مقابلي ۽ ان خلاف هجي تہ پوءِ ڇا هيءَ آيت ان کي شامل ڪونہ ٿي ٿئي.

”إِنَّا وَجَدْنَا آبَاءَنَا عَلَى أُمَّةٍ وَإِنَّا عَلَى آثَارِهِمْ مُقْتَدُونَ“[1]

---

[1] زخرف : آيت ٢٣

اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي ان مذهب تي ڏٺوسين ۽ اسين بہ انهن جي پيروي ٿا ڪريون.

بادشاهہ چيو : اي علوي جيڪڏهن اهي ٿي رسول ﷺ جا خليفا نہ آهن تہ پوءِ رسول ﷺ جو خليفو ڪير آهي ؟

علوي چيو: رسول ﷺ جو خليفو فقط ۽ فقط علي بن ابيطالب عليہ السلام آهي.

بادشاهہ چيو : ڪهڙي دليل مطابق؟

علوي چيو: ڇوتہ رسول اڪرم ﷺ جن انکي پاڻ کان بعد خليفو ۽ جانشين مقرر ڪيو هو ڪيترين ئي جاين تي سندس خليفي هئڻ جي وضاحت ڪيائون ، انهن مان هڪ مڪي ۽ مديني جي وچ تي غدير خم نالي جاءِ تي ماڻهن کي ڪٺو ڪري علي عليہ السلام کي بلند ڪري مسلمانن کي فرمايو:

”جنهن جنهن جو آءٌ سرپرست آهيان علي عليہ السلام انجو سرپرست آهي ؛ اي الله ان سان محبت ڪر جيڪو ڪيس پنهنجو سرپرست مڃي ان سان محبت ڪري ۽ جيڪو بہ ان سان دشمني ڪري ان سان تون بہ دشمني ڪر ۽ جيڪو بہ انجي مدد ڪري تون بہ ان جي مدد ڪر ۽ جيڪو بهان کي ڇڏي ڏئي ۽ سندس مدد نہ ڪري تون بہ ان شخص کي

چڏي ڏج. "[1]

انکان پوءِ منبر تان هيٺ لهي اتي موجود مسلمانن کي (جن جو انگ هڪ لک چوويهه هزار کان به مٿي هو) فرمايائون ته علي عليه السلام کي اميرالمؤمنين جي لقب سان سلام ڪريو (ڇا ڪنهن ٻئي کي اميرالمؤمنين نه چئو) . مسلمان هڪ ٻئي پويان ايندا علي عليه السلام کي "اي اميرالمؤمنين اوهان تي سلام هجن" چوندا پئي ويا.

ابوبڪر ۽ عمر به آيا ۽ علي عليه السلام کي اميرالمؤمنين چئي سلام ڪيائون ۽ عمر چيو:

" اي امير المؤمنين توهان تي سلام هجن اي ابو طالب جا فرزند توکي مبارڪ هجي جو هينئرکان تون منهنجو ۽ هر مؤمن مرد ۽ زائفان جو مولا ٿي ويوآهين."

ان سبب رسول الله صلى الله عليه وآله جو اڪيلو قانوني ۽ شرعي خليفو علي بن ابي طالب عليه السلام آهي.

بادشاهه وزير ڏانهن منهن ڪري چيو : ڇا علوي جي ڳالهه صحيح آهي ؟!

وزير چيو: هائو! تاريخدانن ايئن ئي لکيو آهي .

بادشاهه چيو: ان بحث کي اتي ختم ڪري ٻيو ڪو بحث شروع ڪريو .

---

[1] بحار الانوار ٣/١٣٣

عباسي چيو : شيعا قرآن جي تحريف جا قائل آهن .

علوي چيو : نہ بلڪہ توهان سنين ۾ اهو مشهور آهي ۽ اوهين قرآن جي تحريف جا قائل آهيو.

عباسي چيو تہ اهو سراسر ڪوڙ آهي.

علوي چيو : ڇا پنهنجي ڪتابن ۾ لکيل ڪونہ ڏٺو اٿئہ تہ رسول اڪرم ﷺ تي غرانيق بابت آيتون نازل ٿيون پوءِ اهي آيتون نسخ ٿي ويون ۽ بعد ۾ قرآن مان حذف ٿي (نڪري) ويون؟

بادشاهہ وزير کان پڇيو ڇا علوي جي اها دعويٰ صحيح آهي؟

وزير چيو : ها ! مفسرن اهي ڳالهيون لکيون آهن

بادشاهہ چيو: تہ پوءِ تحريف ٿيل قرآن تي ڪيئن ٿو اعتمادڪري سگهجي؟

علوي چيو : اي بادشاهہ! اوهان جي علم ۾ هئڻ گهرجي تہ اسين ان تحريف کي ڪونہ ٿا مڃيون . اهو فقط سنين جو عقيدو آهي انڪري قرآن اسان وٽ قابل اعتماد آهي ۽ سنين وٽ ناهي.

عباسي چيو : قرآن جي تحريف بابت توهان جي ڪتابن ۾ بہ ڪجهہ روايتون موجود آهن ۽ توهانجي عالمن کان نقل ٿيل آهن.

علوي چيو : اهي روايتون هڪ تہ ٿورڙيون آهن ٻيو سيئي هٿ جون گهڙيل آهن ۽ دشمنن جي فريب ذريعي گهڙيون ويون آهن تہ جيئن شيعن خلاف افواهہ هلائي ڪين بدنام ڪيو وڃي .

ٻئي طرف انهن روايتن جا راوي ۽ سَنَدون سڀ جو سڀ صحيح ڪونہ آهن ۽ جيڪو بہ عالمن کان نقل ڪيو ويو آهي اهو يا تہ صحيح ناهي يا عالم معتبر ڪونہ آهن، اسانجا وڏا عالم جن جو قول اعتبار جوڳو آهي اهي هرگز تحريف جا قائل ڪونہ آهن ۽ جيڪو توهين چئو ٿا تہ:

الله تعالىٰ بتن جي ساراهہ ۾ آيتون موڪليون ۽ فرمايو: (ليڪن الله اهڙين اوٿاين کان مٿاهون آهي)"اهي وڏي مرتبي وارا بت آهن فقط انهن ۾ شفاعت جي اميد آهي." اسان جا عالم ان کي قبول ڪونہ ٿا ڪن.

بادشاهہ چيو : ان بحث کي اتي پورو ڪيو ۽ ٻيو ڪو موضوع شروع ڪريو.

علوي چيو : سني حضرات الله تعالىٰ ڏانهن اهڙين شين جي نسبت ڏين ٿا جيڪي ان جي جلال ۽ عظمت جي مناسب نہ آهن.

عباسي چيو: مثال طور ڇا؟

علوي چيو: مثال هي تہ چئو ٿا تہ ، خدا جو جسم آهي ۽ انسان وانگر ڪلي ڳالهائي ٿو ، ڪيس هٿ، پير، اکيون ۽

شرمگاه آهي ۽ قيامت ڏهاڙي پنهنجي ڇنگهه جهنم ۾ وجهندو، متين آسمان کان دنيا واري آسمان ڏانهن اچي ٿو ۽ پنهنجي گڏهه تي سوار ٿئي ٿو . و.....

عباسي چيو : ان ۾ ڪهڙو عيب آهي ، جڏهن قرآن شريف انکي بيان ڪيو آهي ۽ فرمائي ٿو "وَجَاءَ رَبُّكَ"[1] ۽ تنهنجو پالڻهار آيو. ۽ فرمائي ٿو "يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ [2]" جنهن ڏينهن پني تان پردو هٽايو ويندو، اهڙي ريت فرمائي ٿو"يَدُ اللَّهِ فَوْقَ أَيْدِيهِمْ"[3] الله جو هٿ سندن هٿن مٿان آهي.

حديث ۾ پڻ آيو آهي تہ قيامت ڏهاڙي الله پنهنجي ٽنگ جهنم ۾ وجهندو.

علوي چيو جيڪو چئو ٿا تہ حديث ۾ آيو آهي اهو اسانجي نظر ۾ باطل ، ڪوڙ ۽ تهمت آهي ڇو تہ ابوهريره ۽ ان جهڙن ٻين رسول الله ﷺ تي گهڻا ئي ڪوڙ مڙهيا ۽ ڪم اتي وڃي پهتو جو عمر بہ ڪيس حديث نقل ڪرڻ کان منع ڪيو ۽ ڪيس سزا پڻ ڏنائين .

---

[1] فجر :٣٢

[2] سورت قلم آيت:۴٢

[3] سورت فتح آيت: ١٠

بادشاهہ وزير ڏانهن نهاريندي پڇيو تہ ڇا اهوسچ آهي تہ عمر ابوهريره کي حديث نقل ڪرڻ کان جهليو هو ؟

وزير چيو : اها ڳالهہ تاريخن ۾ آئي آهي تہ ڪيس حديث نقل ڪرڻ کان روڪيو هئائين.

بادشاهہ چيو : تہ پوءِ اسين ابوهريره جي حديثن تي ڪيئن اعتماد ڪريون؟

وزير چيو : ڇوتہ عالم سڳورا سندس حديثن تي اعتماد ڪندا آيا آهن.

بادشاهہ چيو : ان جو مطلب تہ عالم سڳورا عمر کان وڌيڪ ڏاهاءِ ڄاڻو آهن ڇو تہ عمر ابوهريره کي رسول اڪرم ﷺ تي ڪوڙ مڙهڻ ڪري حديثن جي نقل ڪرڻ کان روڪيو پر اسان جا عالم ان جي ڪوڙين حديثن تي عمل ڪندا رهن ٿا.

عباسي چيو : اي علوي ٺيڪ آهي جيڪڏهن الله تعالىٰ بابت جيڪي حديثون بيان ڪيون ويون آهن اهي ڪوڙيون هجن تہ پوءِ قرآن جي آيتن بابت ڇا ٿو چوين؟

علوي چيو : قرآن مجيد جون ڪجهہ آيتون محڪم آهن جيڪي قرآن جو بنياد آهن ۽ وري ڪجهہ آيتون متشابهہ آهن ۽ قرآن جو هڪ ظاهر آهي تہ وري ان ۾ ڳجهہ ۽ راز پڻ آهن.

جيڪي آيتون محڪم ۽ ظاهر آهن انهن جي ظاهري معنيٰ تي عمل ڪيو ويندو ۽ جيڪي متشابهه آهن انهن کي بلاغت جي فن جي بنياد تي ڏسنداسين تہ انهن ۾ مجاز يا ڪنايو تہ استعمال ڪونہ ٿيو آهي؟ يا انهن جي ڪا ڳجهي معنيٰ تہ ڪونہ آهي ؟ جيڪڏهن ايئن نہ ڪيوسين تہ آيتن جي نہ عقلي طور ۽ نہ ئي شرعي طور ڪا درست معنيٰ نڪري سگهندي.

مثال طور: جيڪڏهن "جاءَ ربڪ" تهنجو پالڻهار آيو جي ظاهري معنيٰ کي ڏسنداسين تہ عقل ۽ شريعت ٻنهين جي ابتڙ آهي ڇوتہ عقل ۽ شريعت جي حڪم موجب الله هرجاءِ تي موجود آهي ۽ ڪابہ جاءِ ان جي وجود کان خالي ڪونهي جڏهن تہ آيت جي ظاهري معنيٰ موجب سمجهہ ۾ ٿو اچي تہ الله جوجسم آهي ۽ اهو واضح آهي تہ هر جسم کي هڪ خاص جاءِ جي ضرورت هوندي آهي ان ظاهري معنيٰ جو نتيجو اهو ٿيندو تہ جيڪڏهن الله آسمان تي هوندو تہ زمين تي ڪونہ هوندو ۽ وري جيڪڏهن زمين تي هوندو تہ آسمان الله جي وجود کان خالي هوندو ۽ اها ڳالهہ عقل ۽ شرع جي مطابق غلط آهي.

انهن منطقي جوابن سامهون ڳالهہ عباسي جي وس کان نڪري وئي ۽ جواب ڏئي نہ سگهيو ؛ آخرڪار چيائين آءٌ ان ڳالهہ کي ٿو مڃيان اسان کي قرآن جي آيتن جي ظاهري معنيٰ تي عمل ڪرڻ گهرجي.

علوي چيو: تہ پوءِ متشابھہ آيتن جو ڇا ڪندين؟ ڇوتہ قرآن مجيد جي سيني آيتن جي ظاهري معنيٰ تي عمل نٿو ڪري سگهجي جيڪڏهن ايئن ڪندين تنهنجو دوست شيخ احمد عثمان[1] جيڪو توسان گڏ ويٺو آهي اهو جهنمين مان هئڻ گهرجي.

عباسي چيو: ڇو؟

علوي چيو: ڇو تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو: وَمَنْ كَانَ فِي هَذِهِ أَعْمَى فَهُوَ فِي الآخِرَةِ أَعْمَى وَأَضَلُّ سَبِيلا[2]. جيڪو بہ هن دنيا م انڌو هوندو اهو آخرت م بہ انڌو ۽ وڌيڪ پٽڪيل هوندو.

جڏهن شيخ احمد عثمان هن دنيا م انڌو آهي تہ هن آيت جي ظاهري معنيٰ موجب آخرت واري جهان م اڃا بہ وڌيڪ انڌو ۽ پٽڪيل هئڻ گهرجي. اي شيخ احمد صاحب ڇا تون ان ڳالهہ کي قبول ڪرين ٿو ۽ ان تي راضي آهين؟

شيخ چيو : نہ ! ڪڏهن بہ نہ! هن آيت م انڌي مان مراد حق جي واٽ تان ٽڙيل شخص آهي.

علوي چيو: ان مان واضح ٿيو تہ انسان قرآن جي هڙني آيتن جي ظاهري معنيٰ تي عمل نٿو ڪري سگهي.

---

[1] اهل سنت جو هڪ عالم جيڪو اڪين ڪان انڌو هو .

[2] سورت اسراءآيت٧٢

ڪانفرنس جي ان حصي ۾ آيتن جي ظاهري معنيٰ بابت لفظي جهيڙو وڌي ويو ليڪن علوي پنهنجي پختن دليلن ذريعي عباسيءَ کي شڪست ڏيندو پئي آيو ايتري تائين جو بادشاهه چيو تہ بس ان موضوع کي ڇڏي ڪنهن ٻئي موضوع بابت گفتگو ڪريو.

علوي چيو : اوهان سنين جي غلط عقيدن مان هڪ هي آهي تہ الله تعاليٰ ماڻهن کي گناهن ۾ برن ڪمن انجام ڏيڻ تي مجبور ٿو ڪري ۽ وري انهن گناهن ۾ ڪڏن ڪمن جي ڪري کين سزا بہ ڏئي ٿو.

عباسيءَ چيو : هاڪ! اهوصحيح آهي ڇو تہ الله تعاليٰ پاڻ فرمائي ٿو : "وَمَنْ يُضْلِلِ اللَّهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهُ سَبِيلا"[1] ۽ الله جنهن کي گمراهه ڪري ۽ اهو پڻ فرمائي ٿو "طَبَعَ اللَّهُ عَلَى قُلُوبِهِمْ" [2] الله سندن دلين تي مهرون هڻي ڇڏيون آهن.

علوي چيو: جيڪو چوين ٿو تہ قرآن ۾آيل آهي ، توکي بہ چڱي پر سڌ آهي تہ قرآن ۾ مجازُ ۽ ڪنايہ استعمال ٿيل آهن ، انهن کي ڳولهي سمجهڻ گهرجي ، هتي گمراهه جي معنيٰ هي آهي تہ الله تعاليٰ غلط ڪم ڪندڙ انسان کي پنهنجي حال تي ڇڏي ٿو ڏئي تہ پلي گمراهه رهي اها ڳالهہ

---

[1] سورت نساء آيت:٨٨

[2] سورت توبہ آيت:٩٣

ان وانگر آهي جيئن چيو ويندو آهي تہ"حڪومت ماڻهن کي خراب ڪري ڇڏيو آهي" ان جو مطلب اهو ناهي تہ حڪومت اچي ماڻهن کي خراب ڪيو آهي بلڪہ مقصد هي آهي تہ حڪومت ماڻهن کي سندن حالت تي ڇڏي ڏنو ۽ انهن سان حڪومت جو ڪو واسطو ڪونهي، ۽ ڇا تو الله تعالىٰ جو اهو فرمان نہ پڙهو آهي؟ تہ فرمائي ٿو:

"إِنَّ اللَّـهَ لا يَأْمُرُ بِالْفَحْشَاءِ"[1] بيشڪ الله بيڙائيءَ جو حڪم نٿو ڪري.

۽ فرمائي ٿو:

"إِنَّا هَدَيْنَاهُ السَّبِيلَ إِمَّا شَاكِرًا وَإِمَّا كَفُورًا"[2] بيشڪ اسان ان (انسان) کي (سڌي) واٽ جي هدايت ڪئي آهي هاڻ هو شڪر گذار آهي يا انڪاري اهڙي ريت فرمائي ٿو :

"وَهَدَيْنَاهُ النَّجْدَيْنِ "[3] ۽ ان کي اسان ٻن رستن جي هدايت ڪئي سون . ۽ ٻئي طرف عقل بہ نٿو مڃي تہ الله تعالىٰ گناهہ جو حڪم ڏئي ۽ وري ان کي انجام ڏيڻ ڪري انسان کي سزا ڏئي.

---

[1] سورت اعراف, آيت ٢٨

[2] سورت انسان, آيت٣

[3] سورت بلد , آيت ١٠

اهو ڪم تہ عام انسان کان بہ پري آهي پوءِ ان عظيم ۽ هرعيب کان پاڪ رب انکي ڪيئن ٿو انجام ڏئي سگهي؟ بادشاهہ رڙ ڪري چيو نہ نہ ! ممڪن ئي ناهي جو الله انسان کي گناهہ لاءِ مجبور ڪري وري ان کي گناهہ جي بدلي سزا ڏئي ، اهو تہ چٽو ظلم آهي ۽ الله هر قسم جي ظلم ۽ ڏاڍ کان پاڪ ۽ مٿاهون آهي ." وَأَنَّ اللَّهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِلْعَبِيدِ"[1] ۽ الله ٻانهن تي ظلم ڪرڻ وارو ناهي البتہ آءٌ نٿو سمجهان تہ اهل سنت جو بہ عباسي وانگر اهو نظريو هجي.

ان وقت وزير کان پڇا ڪيائين تہ ڇا اهل سنت جو اهو نظريو آهي؟

وزير چيو: هائو ! اهل سنت وارن جو اهو عقيدو مشهور آهي.

بادشاهہ چيو: اهڙي ڳالهہ ڇو ٿا ڪن جنهن کي عقل بہ تسليم نٿو ڪري؟

وزير چيو: پنهنجي ان عقيدي بابت انهن وٽ دليل ۽ تاويلون موجود آهن.

بادشاهہ چيو : جيڪي بہ دليل ۽ تاويلون آٿين عقل انهن کي قبول نہ ڪندو منهنجي خيال ۾ فقط علوي وارو

---

[1] سورت حج، آيت١٠

عقيدو ئي ٺيڪ آهي تہ الله تعالىٰ ڪنهن کي بہ گناهہ ۽ ڪفر لاءِ مجبور نٿو ڪري جو بعد ۾ وري ڪيس سزا ڏئي.

علوي چيو: ٻيو هي تہ سني چون ٿا تہ رسول اڪرم ﷺ جن کي پنهنجي نبوت ۾ شڪ هو.

عباسي چيو: اهو سڌو سنئون ڪوڙ آهي.

علوي چيو: ڇا توهان اها روايت نقل نہ ڪندا آهيو ۽ توهانجي ڪتابن ۾ موجود ناهي تہ رسول اڪرم ﷺ فرمايو: جڏهن بہ مون ڏانهن جبرائيل نازل ٿيو تہ مون هر دفعي شڪ ڪيو تہ اهو عمر بن خطاب تي نازل ٿو ٿئي. توهان اها روايت نقل ڪريو ٿا جڏهن تہ قرآن مجيد ۾ ڪيتريون ئي آيتون آهن جيڪي دلالت ٿيون ڪن تہ الله تعالىٰ پنهجي پيغمبر ﷺ کان سندس رسالت جو پيمان ورتو.

بادشاهہ وزير ڏانهن منهن ڪندي چيو : ڇا اهو صحيح آهي ۽ سنين جي ڪتابن ۾اها روايت آئي آهي؟

وزير چيو: سنين جي ڪتابن ۾ اها روايت آئي آهي.[1]

بادشاهہ چيو اهو تہ ڪليو ڪفر آهي.

علوي چيو : ٻيو هي تہ اهل سنت وارن پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو آهي تہ رسول اڪرم ﷺ جن بيبي عائشہ کي پنهنجي

---

[1] ابن ابي الحديد نهج البلاغہ جي شرح ۾ ۽ ٻين بہ ان روايت کي نقل ڪيو آهي .

ڪلهن تي ويهاري دهلارين ۽ ڳائڻ وڄائڻ وارن سان گڏجي خوشيون ملهائيندا هئا ڇا اهو رسول الله ﷺ جي عظيم مان ۽ مرتبي جي مناسب آهي؟

عباسيءَ چيو : اها ڳالهه آنحضرت ﷺ جي بلند مقام کي ڪنهن به قسم جو ڇيهو ٿي رسائي.

علوي چيو : تون هڪ عام ماڻهو آهين ان هوندي ڇا تون اهو ڪم ڪندين؟

بادشاهه چيو : جنهن کي حياءَ شرم جو ڪجهه واس به آيل هوندو اهو ايئن ڪونه ڪندو، رسول الله ﷺ تي حياءَ، غيرت ۽ ايمان جو سرچشمو آهن.

ڇا اهو صحيح آهي ته سنين جي ڪتابن ۾ اهڙي قسم جون ڳالهيون لکيل آهن؟

وزيرچيو: هائو! ڪجهه ڪتابن ۾ اهڙي قسم جون ڳالهيون لکيل آهن.

بادشاهه : ته پوءِ اسان اهڙي نبيءَ تي ڪيئن ايمان آڻيون جنهن کي پنهنجي نبوت ۾ شڪ هجي ؟

عباسي چيو : انهن روايتن جي تاويل ڪرڻ گهرجي .

علوي چيو : ڇا اهڙين روايتن جي تاويل ممڪن آهي؟!

اي بادشاهه ڏسو ٿا ته سني اهڙي قسم جي خرافات ۽ غلط عقيدن ۽ واهيات ڳالهين تي عقيدو رکن ٿا!

عباسي چيو : ڪهڙن غلط عقيدن ۽ خرافات جي ڳالهه ٿو ڪرين؟

علوي چيو: جيڪي هيئنر تائين ٻڌايا جن ۾ چئو ٿا تہ:

١) الله تعاليٰ انسان وانگر آهي ۽ هٿ پير اٿس ۽ چرپر ڪري ٿو ۽ ڪڏهن وري چرپر کان آجو آهي.

٢) قرآن ۾ تحريف ۽ گهٽتائي ۽ واڌارو ٿيو آهي.

٣) رسول اڪرم ﷺ اهڙا ڪم ڪيا جو هڪ عام ماڻهو بہ نٿو ڪري سگهي ۽ عائشہ کي پنهنجي ڪلهن تي ويهاريو اٿس.

٤) رسول اڪرم ﷺ کي پنهنجي نبوت ۾ شڪ هو.

٥) علي کان پهريان جن حڪومت ڪئي انهن اها حڪومت تلوار ۽ طاقت جي زور تي هٿ ڪئي ۽ تخت تي چڙهي ويٺا ۽ حڪومت سندن حق ڪونہ هئي.

٦) سنين جا ڪتاب ابوهريره ۽ ٻين دجال صفت حديث گهڙيندڙن جي حديثن سان ٽمٽار آهن .... ۽ اهڙي قسم جا ٻيا عقيدا.

بادشاهہ چيو: ان موضوع کي اتي پورو ڪيو ۽ ٻيو ڪو بحث شروع ڪريو .

علوي چيو : سني رسول اڪرم ﷺ جي مقدس ذات ڏانهن اهڙين شين کي منسوب ڪن ٿا جيڪي هڪ عام انسان جي بہ شايان شان ڪونہ آهن.

عباسي چيو: مثال طور ڇا؟

علوي چيو : مثال طور چون ٿا تہ سورت "عَبَسَ وَتَوَلَّى "[1] رسول اڪرم ﷺ جي باري ۾ نازل ٿي آهي.

عباسيءَ چيو تہ ان ۾ ڪهڙو مسئلو آهي؟

علوي چيو: مسئلو هي آهي تہ جيڪا آيت فرمائي ٿي تہ "وَإِنَّكَ لَعَلى خُلُقٍ عَظِيمٍ"[2] ۽ بيشڪ تو وڏي اخلاق جو مالڪ آهين ۽ ٻي آيت فرمائي ٿي "وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إِلا رَحْمَةً لِلْعَالَمِينَ "[3] اسان توکي تہ جهانن لاءِ رڳو رحمت طور موڪليو آهي ڇا عقل ان ڳالهہ کي تسليم ڪري ٿو تہ جنهن رسول ﷺ کي الله عظيم اخلاق جو مالڪ ۽ جهانن لاءِ رحمت ڄاڻائي، اهو رسول ﷺ هڪ نابينا مؤمن سان ايئن نامناسب ۽ غير انساني سلوڪ اختيارڪري؟

---

[1] سورت عبس آيت ١

[2] سورت قلم آيت ٤

[3] سورت انبياءآيت ١٠٧

بادشاهہ چيو : اها تہ نامعقول ڳالهہ آهي جو بشريت جو رسول ۽ رحمت نبي ﷺ اهڙو ڪم ڪري .اي علوي هاڻ تون ٻڌاءِ اها آيت ڪنهن جي باري ۾ نازل ٿي آهي؟

علوي چيو: رسول اڪرم ﷺ جي اهلبيت عليهم السلام (جن جي گهر ۾ قرآن نازل ٿيو) طرفان صحيح روايتن ۾ بيان ٿيو آهي تہ اها سورت عثمان بن عفان جي باري ۾ نازل ٿي آهي . جڏهن عبدالله بن ام مڪتوم عثمان وٽ ويو ۽ ان عبدالله بن ام مڪتوم کان منهن موڙي ان ڏانهن پٺي ڏني تہ اها سورت نازل ٿي.

اتي سيد جمال الدين (هڪ شيعہ عالم) جيڪو اتي موجود هو اٿي چوڻ لڳو : ان سورت جي باري ۾ مون سان هڪ واقعو پيش آيو اهو هي تہ: هڪ ڏينهن هڪ عيسائي مونکي چيو تہ اسان جو نبي عيسيٰ عليه السلام توهانجي نبي کان بهتر آهي، مون چيو اهو ڇو ؟

عيسائي جواب ڏنو: تہ توهانجو نبي (نعوذ بالله) بد اخلاق هو ۽ انڌن ماڻهن لاءِ منهن ٽاهيندو ۽ انهن کان منهن موڙيندو هو. جڏهن تہ اسانجو نبي عيسيٰ عليه السلام پلي اخلاق وارو ۽ انڌن کي شفا ڏيندو هو.

مون چيو : اي عيسائي ! اسانجي عقيدي موجب اها سورت پيغمبر ﷺ بابت نہ پر عثمان بن عفان بابت نازل ٿي آهي اسانجو نبي ﷺ ملڻ جلڻ جوتمام پلو ۽ هڙني سٺين صفتن جو مجسمو هو ۽ اهڙين خاصيتن جو ڌڻي هو جو الله تعالىٰ

سندس شان ۾ فرمائي ٿو: (وَإِنَّكَ لَعَلى خُلُقٍ عَظِيمٍ) بيشڪ تون وڏي عظيم اخلاق وارو آهين ۽ فرمائي ٿو ٠

(وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إِلا رَحْمَةً لِلْعَالَمِينَ) ۽ ا سان توکي جهانن لاءِ رڳو رحمت ڪري موڪليو آهي.

عيسائي چيو: مون جيڪو بيان ڪيو اهو بغداد جي هڪ مسجد جي خطيب کان ٻڌو آهي.

مون چيو: اسان وٽ مشهور آهي تہ ڪجهہ بدڪار ۽ ڪوڙن راوين ان قصي کي رسول اڪرم ﷺ ڏانهن منسوب ڪيو آهي جيئن عثمان جي چهري تان اها گندگي هٽائين. ۽ رسو ل اڪرم ﷺ ڏانهن ڪوڙيون نسبتون ڏئي پنهنجي بادشاهن ۽ خليفن جي صفائي پيش ڪن.!

بادشاهہ چيو : ان ڳالهہ کي ڇڏي ڪا ٻي ڳالهہ ڪريو.

عباسي چيو: شيعا ٽن خليفن جي ايمان جو انڪار ٿا ڪن ۽ اهو صحيح ناهي ڇو تہ جيڪڏهن اهي مؤمن نہ هجن ها تہ رسول اڪرم ﷺ سندن نائي ڇو ٿين ها.؟ يا ڪين پنهنجيون نياڻيون ڇوڏين ها؟

علوي چيو: شيعن جو عقيدوآهي تہ انهن دل سان ايمان ڪونہ آندو هو پر ظاهري طور زبان سان اسلام جو اظهار ڪيو هئائون ۽ رسول الله ﷺ شهادتين پڙهڻ واري هر

ماڻهوءَ کي قبول ڪندا هئا ۽ ساڻس مسلمانن وارو ورتاءُ ڪندا هئا. (پوءِ پلي اهو منافق ڇونہ هجي). ان ئي سبب نبيﷺ سندن نالي ٽيو ۽ ڪين نالي بڻايائين.

عباسيءَ چيو: ابوبڪر جي ايمان نہ آڻڻ جو اوهان وٽ ڪهڙو دليل آهي؟

علوي چيو : ڪيترائي قطعي دليل موجود آهن . انهن مان هڪ هيءُ تہ ان ڪيترين ئي جاين تي رسول اڪرمﷺ سان خيانت ڪئي جيئن اسامہ جي لشڪر ۾ شريڪ ٿيڻ کان ڪنڌ ڪيرايائين ۽ اتي رسول اڪرمﷺ جي حڪم جي نافرماني ڪيائين ۽ واضح آهي ۽ قرآن ڪريم بہ فرمائي ٿو تہ جيڪو بہ رسولﷺ جي مخالفت ڪري اهو ايمان وارو ڪونہ آهي.

(فَلا وَرَبِّكَ لا يُؤْمِنُونَ حَتَّى يُحَكِّمُوكَ فِيمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ لا يَجِدُوا فِي أَنْفُسِهِمْ حَرَجًا مِمَّا قَضَيْتَ وَيُسَلِّمُوا تَسْلِيمًا) [1]

بس تنهنجي نپائڻهار جو قسم تيسين ايمان ڪونہ آڻيندا جيسين اهي پنهنجي اختلافن ۾ توکي ٽياڪڙ نہ مڃين ۽ جيڪو تو فيصلو ڪيو ان بابت بہ پنهنجي دل ۾

---

[1] سورت نساء آيت ٦٥

(پنهنجي لاءِ) ڪو نقصان نہ سمجهن ۽ پوري طرح تسليم ٿي وڃن . ان حساب سان ابوبڪر رسول ﷺ جي فرمان کان ڪنڌ ڪيرايو ۽ نافرماني ڪئي ۽ اهو اهڙن ماڻهن مان ٿي ويو جيڪي ان آيت جومصداق آهن.

ان کان بہ وڌيڪ هي تہ جنهن بہ اسامہ جي لشڪر کي پٺي ڏني رسول اڪرم ﷺ جن ان تي لعنت ڪئي آهي ۽ اهو پهريان بہ بيان ڪيو ويو تہ ابوبڪر اسامہ جي لشڪر کي پٺي ڏني ۽ ان ۾ شرڪت ڪونہ ڪئي.

ڇا رسول اڪرم ﷺ ڪنهن مؤمن تي لعنت ڪندو؟

ظاهرآهي تہ نہ !

بادشاهہ چيو: ان طرح علوي جي ڳالهہ صحيح آهي تہ ابوبڪر مؤمن ڪونہ هو.

وزيرچيو: ابوبڪرجي ان خلاف ورزي بابت اهل سنت وارا توضيح پيش ڪن ٿا.

بادشاهہ چيو: ڇا توضيح ۽ تاويل ڪنهن حرام ڪم کي حلال ڪري سگهي ٿي ؟ جيڪڏهن تاويلن جو دروازو کولينداسين تہ پوءِ هر مجرم ۽ ڏوهاريءَ وٽ پنهنجي جرم جي ڪانہ ڪا تاويل ۽ توضيح ضرور هوندي ، چور چوندو تہ مون غربت ۽ هٿين خالي هئڻ سبب چوري ڪئي، شرابي چوندو غمگين هئس پنهنجي غم کي ٽارڻ لاءِ شراب پيتو، زاني چوندو..... اهڙي ريت معاشري جو نظام بگڙي ويندو ۽

ماڻهن ۾ گناهه ۽ ڏوهن جي جرات پيدا ٿيندي نه ... نه ... انهن توضيحن ۽ تاويلن جو ڪو فائدو ناهي.

عباسي جوچهرو ڳاڙهو ٿي ويو ۽ پريشان هو ته ڇا چوي آخرڪار چيائين ته عمرجي مؤمن نه هئڻ بابت توهان وٽ ڪهڙو دليل آهي؟

علوي چيو : ان ڳالهه جا ته ڪيترائي دليل آهن انهن مان هڪ هيءُ ته ان پاڻ پنهنجي مؤمن نه هئڻ جو اقرار ڪيوآهي.

عباسي چيو: اهو وري ڪٿي ؟

علوي چيو: جڏهن ان چيو ته "مون صلح حديبيه واري ڏينهن جيترو محمدﷺ جي نبوت ۾ شڪ ڪيو ايترو ڪڏهن به ڪونه ڪيوهو."

عمر جي ان ڳالهه مان لڳي ٿو ته هو آنحضرت ﷺ جي نبوت بابت هميشه شڪ ۽ ٻڌ تر مبتلا رهيوآهي ۽ صلح حديبيه واري ڏهاڙي سندس شڪ ڪجهه اونهو ۽ گهڻو هيو.

اي عباسي توکي پنهنجي رب جو قسم جيڪو حضرت محمد ﷺ جي نبوت ۾ شڪ ڪري ڇا اهو مؤمن آهي ؟

عباسي چپ ڪئي ۽ ڪنڌ ڪئي هيٺ ڪيائين.

بادشاهہ وزير ڏانهن نهاري چيو : ڇا عمر بابت علوي جي اها ڳالهہ ڇا درست آهي؟

وزيرچيو: راوين ايئن روايت بيان ڪئي آهي.

بادشاهہ چيو: عجيب آهي ! واقعاً عجيب آهي آءٌ عمر کي پهرين مسلمانن مان سمجهندو هئس ۽ سندس ايمان کي ثابت ايمان سمجهندو هئس ليڪن هينئر واضح ٿيو تہ سندس ايمان بہ ٻڌتر جو شڪار هو.

عباسيءَ چيو: بادشاهہ سلامت صبرڪريو ۽ پنهنجي عقيدي تي مضبوط رهو هن علوي جوڪوڙ اوهانکي ڏوڪونہ ڏئي.

بادشاهہ کي ڏاڍي مٺيان لڳي ۽ پنهنجو چهرو عباسي کان ڦيرائي ڇڏيائين ۽ چوڻ لڳو اسان جو وزير نظام الملڪ چوي ٿو تہ علوي سچو آهي ۽ عمر جو اهو قول اسان جي ڪتابن ۾ موجود آهي ۽ هي نادان (عباسي) چوي ٿو تہ علوي ڪوڙو آهي ڇا اهو تعصب کان علاوه ٻيو ڪجهہ ٿي سگهي ٿو؟!

ميڙ تي موت جي خاموشي ڇانئجي وئي ، بادشاهہ ڪاوڙجي ويو ۽ عباسي جي گفتي کان ناراض هو ... عباسي ۽ ٻيا عالم ڪنڌ هيٺ ڪيون ويٺا هئا ۽ وزير پڻ چپ هو .... علوي ڪنڌ مٿي ڪيو بادشاهہ ڏانهن پئي نهاريائين تہ ڏسي تہ نتيجو ڇا ٿو نڪري.

عباسي تي سخت گهڙيون گذري رهيون هيون ۽ تمنا پئي ڪيائين تہ ڪاش زمين ڦاٽي ڪيس ڳهي وڃي يا ملڪ الموت اچي سندس روح ڌڙ کان ڌار ڪري، ڏاڍو شرمندو هو ۽ مٿس ڏکيو وقت ٿي گذريو.

سندس مذهب جو غلط هئڻ ثابت ۽ سندس خرافاتي عقيدا بادشاهہ ۽ وزير ۽ درٻارين لاءِ وائکا ٿي چڪاهئا ليڪن ڇا پيو ڪري سگهي؟!

بادشاهہ تہ ان کي سوال جواب ۽ حق ۽ ناحق کي ڇاڻڻ لاءِ گهرايو هو؛ آخرڪار عباسي ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ پاڻ کي تيار ڪري پڇيائين تہ: اي علوي تون ڪيئن ٿو چوين تہ عثمان دل سان ايمان ڪونہ آندو هو؟ جڏهن تہ رسول اڪرم ﷺ سندس نياڻي رقيہ ۽ ٻي نياڻي ام ڪلثوم جي شادي عثمان سان ڪرائي هئي.

علوي چيو گهڻائي دليل موجود آهن جن مطابق عثمان جو دل سان ايمان نہ آڻڻ ثابت آهي . بس اهوئي ڪافي آهي تہ مسلمان جن ۾ صحابي بہ هئا ڪيس قتل ڪرڻ تي متفق ٿي ويا ۽ ڪيس قتل ڪيائون.

توهان پاڻ نبي اڪرم ﷺ کان نقل ٿا ڪريو تہ پاڻ فرمايائون : "منهنجي امت ناحق ۽ باطل تي متفق نہ ٿيندي ." هاڻ ٻڌاءِ تہ مسلمان جن ۾ صحابہ پڻ هئا ڪنهن مؤمن جي قتل تي متفق ٿيندا؟!

ٻئي طرف عائشہ عثمان کي يهودين سان شباهت ڏني ۽ کيس قتل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ۽ چيائين تہ نعثل (يهودين جي هڪ شخص جونالو) کي قتل ڪيو. ڇوتہ هو پڪ سان ڪافر ٿي چڪو آهي . نعثل کي قتل ڪريو، الله انکي نابود ڪري ۽ الله جي رحمت کانئس پري هجي.

اهڙي ريت عثمان پيغمبر ﷺ جي جليل القدر صحابي عبدالله بن مسعود کي اهڙي مارڪٽ ڪئي جو نري جي مرض ۾ مبتلا ٿي پيو ۽ ان ئي تشدد جي اثر ڪري هيءَ دنيا ڇڏيائين.

اهڙي طرح رسول الله ﷺ جي وڏي وفادار ۽ نامياري ساٿي ابوذر کي جلاوطن ڪيائين. هڪ يا ٻہ دفعا مديني کان شام ڏانهن ۽ هڪ دفعو (مڪي ۽ مديني جي وچ تي) ربذه نالي برپٽ بيابان ڏانهن جلاوطن ڪيائين. جنهن جي نتيجي ۾ ابوذر بک ۽ اڃ سبب ان بيابان ۾ پنهنجي جان ڏٽي حوالي ڪئي. اهو واقعو ان صورت ۾ پيش آيو جڏهن عثمان مسلمانن جي بيت المال ۾غرق هو ۽ انکي پنهنجي اموي ۽ مرواني خاندان ۾ تقسيم پئي ڪيائين ابوذر اها هستي هوجنهن بابت رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو:

"مَااَظَلت الخَضرَاءُ وَمَا اقَلَت الغَبرَاءُ عَلىٰ ذِي لَهجَةٍ اَصدَقُ مِنْ اَبِي ذَر"[1]

آسمان ڪنهن اهڙي شيءِ تي پنهنجي ڇانوَ نہ ڪئي آهي ۽ نہ وري زمين ڪنهن اهڙي شيءِ کي ڪنيو آهي جيڪا ابوذر کان وڌيڪ سچي هجي.

علوي جي انهن ڳالهين بابت بادشاهہ وزير کان سوال ڪيو تہ ڇا اهي صحيح آهن؟

وزير چيو : مؤرخن ايئن بيان ڪيو آهي.

بادشاهہ چيو: پوءِ مسلمانن انکي خلافت لاءِ ڪيئن چونديو؟

وزير چيو: اهو هڪ ڪاميٽي جي فيصلي سان خليفو ٿيو.

علوي چيو : اي وزير اجازت ڏيو جيڪا ڳالهہ حقيقت نہ آهي اها نہ چئو.

بادشاهہ چيو : ڇا تو چوين؟

علوي : وزير جي اها ڳالهہ صحيح ڪونهي بلڪہ عثمان فقط عمر جي وصيت سان ئي خليفو ٿيو ۽ فقط ٽن منافقن يعني طلحہ، سعد بن ابي وقاص ۽ عبدالرحمن بن عوف کيس خلافت لاءِ چونديو.

---

[1] الغدير۸/۲۹۴، ۲۹۹، ۳۰۵، ۳۰۶.

ڇا انهن جي راءِ سيني مسلمانن جي راءِ ٿي سگهي ٿي ؟

تاريخ ۾ اهو بہ ذڪر ٿيل آهي تہ عثمان جي ڪرتوتن ۽ رسول اڪرم ﷺ جي صحابين جي بي حرمتي ۽ مسلمانن جي امور بابت ڪعب الاحبار يهودي سان صلاح مشوري ڪرڻ ۽ مسلمان جي بيت المال کي بني مروان جي خاندان ۾ ورهائڻ سبب اهي ٿي بہ مٿس ناراض ٿي ويا هئا ۽ ڪيس قتل ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي همٿائڻ ۾ اڳتي اڳتي رهيا.

بادشاهہ وزير ڏانهن منهن ڪري چيو : ڇا علوي جي ڳالهہ صحيح آهي؟

وزير چيو: ها! مؤرخن ايئن بيان ڪيو آهي.

بادشاهہ چيو: پوءِ تو ڪيئن چيو تہ عثمان ڪاميٿي جي چونڊ سان خلافت حاصل ڪئي ؟!

وزير چيو : ڪاميٿي مان منهنجو مقصد اهي ٿي ڇڻا هئا.

بادشاهہ چيو: ڇا انهن ٿن ڇڻن جو انتخاب سيني مسلمانن جو انتخاب سمجهيو ويندو؟

وزير چيو: رسول اڪرم ﷺ جن انهن ٿن ڇڻن لاءِ جنت جي خوشخبري ڏني آهي .

علوي چيو : اي وزير ! اجازت ڏي ۽ غلط ڳالهہ زبان تي نہ آڻ "ڏهن ڇڻن کي جنت جي خوشخبري "واري حديث ڪوڙي آهي ۽ رسول اڪرم ﷺ تي تهمت مڙهيل آهي.

عباسي چيو : ان حديث کي ڪوڙو ڪيئن ٿو چوين جڏهن تہ اعتماد جوڳن راوين ان کي نقل ڪيو آهي .؟

علوي چيو: ڪيترائي دليل آهن جيڪي ان حديث جي ڪوڙي ۽ غلط هئڻ کي ثابت ڪن ٿا جن مان ٿي دليل ٻڌايان ٿو.

۱) رسول ﷺ اهڙي ماڻهوءَ کي جنت جي خوشخبري ڪيئن ٿو ڏئي سگهي جنهن پاڻ سڳورن ﷺ کي رنجايو هجي. (منهنجو مقصد طلحہ آهي) ڇو تہ ڪافي مفسرن ۽ تاريخدانن بيان ڪيو آهي تہ طلحہ چيو هو تہ "جيڪڏهن محمد ﷺ مري وڃي تہ آءٌ ضرور سندس گهروارين سان نڪاح ڪندس (يا ايئن چيائين تہ ضرور عائشہ سان شادي ڪندس) ان ذريعي هن رسول اڪرم ﷺ کي رنجايو ۽ الله تعالىٰ هي آيت نازل ڪئي.

(وَمَا كَانَ لَكُمْ أَنْ تُؤْذُوا رَسُولَ اللَّهِ وَلا أَنْ تَنْكِحُوا أَزْوَاجَهُ مِنْ بَعْدِهِ أَبَدًا إِنَّ ذَلِكُمْ كَانَ عِنْدَ اللَّهِ عَظِيمًا)[۱]

توهان کي رسول کي ايذائن جو ڪو حق ناهي ۽ پڻ ان کان بعد هميشہ تائين سندس گهروارين سان شادي ڪرڻ (جو بہ حق نہ آهي) اهو الله (جي بارگاهہ) وٽ وڏو (گناهہ) آهي.

---

[۱] احزاب :۵۳

۲) طلحہ ۽ زبير علي عليه السلام سان جنگ ڪئي جڏهن تہ رسول اڪرم صلى الله عليه وآله جن سندس باري ۾ فرمائن ٿا :

اي علي عليه السلام توسان جنگ مون سان جنگ آهي ۽ تنهنجو ساٿ ڏيڻ منهنجوساٿ ڏيڻ آهي [1]

جنهن بہ علي عليه السلام جي فرمانبرداري ڪئي ان ڇڻ منهنجي فرمانبرداري ڪئي ۽ جنهن بہ علي عليه السلام جي نافرماني ڪئي ان ڇڻ منهنجي نافرماني ڪئي.[2]

علي عليه السلام قرآن سان آهي ۽ قرآن علي عليه السلام سان آهي اهي ٻئي مون وٽ حوض ڪوثر تائين پهچڻ تائين هڪ ٻئي کان جدا نہ ٿيندا[3]

علي عليه السلام حق سان آهي ۽ حق علي عليه السلام سان آهي حق هميشہ اتي هوندو جتي علي عليه السلام هجي.[4]

ان بنياد تي جيڪو رسول اڪرم صلى الله عليه وآله جن سان جنگ ڪري ۽ سندس نافرماني ڪري ڇا اهو جنت ۾ وڃي سگهي ٿو ؟ ڇا جيڪو قرآن ۽ حق سان جنگ ڪري اهو مؤمن ٿي سگهي ٿو ؟!

---

[1] احقاق الحق:۴۴۰/۶، ۲۹۶/۷

[2] احقاق الحق:۴۱۹/۶، ۶۲۱/۱۶

[3] بحار الانوار :۳۵/۳۸

[4] احقاق الحق:۲۷/۴

۳) طلحہ ۽ زبير عثمان کي قتل ڪرڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪيون ان هوندي ڇا اهو ممڪن آهي تہ طلحہ زبير ۽ عثمان ٽئي بهشتي هجن جڏهن انهن مان هڪڙن ٻين کي قتل ڪيو آهي ۽ رسول خدا ﷺ کان نقل ٿيل آهي تہ قاتل ۽ مقتول ٻئي جهنمي آهن؟!

بادشاهہ پوري اچرج مان پڇيو: ڇا علوي جون اهي سڀ ڳالهيون صحيح آهن؟

وزير چپ رهيو ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪڇيو.

عباسي ۽ سندس ساٿي بہ چپ رهيا ڇاچون؟!.....سچ چون ؟! ڇا شيطان سچ چوڻ جي اجازت ڏيندن جيڪو نفس هميشہ برائيءَ جو حڪم ڪندو رهي ٿو ڇا اهو اجازت ڏيندو تہ حقيقت آڏو سر نمائين؟ تون ڇاٿو سمجهين تہ حق جو اعتراف ڪو سولو ڪم آهي؟!

هرگز نہ !..... اهو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي ڇو تہ ايئن ڪرڻ سان جاهليت واري تعصب کي ڇڏڻو پوندو ۽ نفساني خواهش جي مخالفت ڪرڻي پوندي ، سواءِ ٿورڙن ماڻهن جي باقي ٻيا ماڻهو تہ نفساني خواهشن ۽ باطل جا پيروڪار آهن.

سيدعلوي خاموشيءَ جي پردي کي چيريندي چيو: اي بادشاهہ ! وزير عباسي ۽ جيڪي بہ عالم هت موجود آهن

اهي منهنجي ڳالهه جي صحيح هئڻ جو اقرار ڪن ٿا ۽ ان ڳالهه کان آگاهه آهن.

جيڪڏهن اهي انڪار به ڪن ته بغداد ۾ ٻيا عالم آهن جيڪي منهنجي ڳالهين جي تصديق ڪندا ۽ هن مدرسي جي ڪتب خاني ۾ اهڙا ڪتاب موجود آهن جيڪي منهنجي ڳالهين جي صحيح هئڻ جي تائيد ڪندا ۽ ٻيون به اهڙي قسم جون شاهديون موجود آهن.

جيڪڏهن انهن منهنجي ڳالهين جي صحيح هئڻ جو اقرار ڪيو ته ٺيڪ نه ته آءٌ هينئر ئي اوهان لاءِ اهڙا ڪتاب حوالا ۽ شاهد پيش ڪريان ٿو.

بادشاهه وزير ڏانهن منهن ڪري چيو : ڇا اهڙا ڪتاب موجود آهن جيڪي علوي جي ڳالهين جي تصديق ڪن؟!

وزير چيو : هائو!

بادشاهه چيو: ته پوءِ شروعات ۾ ڇو چپ رهين؟!

وزير چيو : مونکي سٺو نٿو لڳي جو رسول ﷺ جي يارن بابت گهٽ وڌ ڳالهايان.

علوي چيو : عجب آهي توکي اها ڳالهه سٺي نٿي لڳي ليڪن الله ۽ سندس رسول ﷺ ته ان ڳالهه تي ناراض ڪونه ٿا ٿين.

الله تعالىٰ ڪجهہ صحابين ڪي منافق چيو آهي ۽ رسول اڪرم ﷺ ڪي حڪم ٿو ڏئي تہ جهڙي ريت ڪافرن سان جنگ ٿا ڪريو اهڙي ريت انهن سان بہ جنگ ڪريو ۽ رسول اڪرم ﷺ بہ پنهنجي ڪجهہ صحابين تي لعنت ڪئي آهي.

وزير چيو : اي علوي ڇا عالمن جو اهو قول نہ ٻڌو اٿئہ جو چون ٿا تہ سڀ صحابي عادل آهن.

علوي چيو: ٻڌو تہ آهي ليڪن حقيقت هي آهي تہ اها ڪوڙي دعوا ۽ وڏو بهتان آهي. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو سيئي صحابي عادل هجن جڏهن تہ ڪجهہ تي الله لعنت ڪئي آهي ۽ انهن مان ڪجهہ تي رسول اڪرم ﷺ جن لعنت ڪئي آهي.

ٻئي طرف انهن پاڻ بہ هڪ ٻئي تي لعنت ڪئي آهي ۽ پاڻ ۾ جنگيون ڪيون اٿائون ۽ هڪڙن ٻين کي گهٽ وڌ ڳالهايو آهي يا هڪڙن ٻين جي قتل جي سازش ڪئي آهي.

اتي عباسي پنهنجي لاءِ دروازا بند ڏٺا ۽ هڪ ٻئي در کان آيو ۽ چيائين اي بادشاهہ! علوي کان پڇو تہ جيڪڏهن اهي ٿي خليفا مسلمان نہ هئا تہ پوءِ مسلمانن کين بادشاهہ بڻائي سندن اطاعت ڇو ڪئي؟

علوي چيو : پهريان تہ سيني مسلمانن انهن کي خلافت لاءِ ڪونہ چونڊيو هو بلڪہ رڳو سنين ائين ڪيو .

ٻيو تہ جيڪي انهن جي خلافت تي عقيدو رکن ٿا يا اڻ ڄاڻ آهن يا وري حق سان ويرَ سبب انهن سان لئون لڳائي اٿن.

اڻ ڄاڻن کي سندن حال ۽ رسوائي جي خبر ڪونہ آهي ، بلڪہ انهن کي پاڪ ۽ مؤمن ٿا سمجهن ۽ جيڪي حق جا ويري آهن اهي جيسين تعصب ۽ ضد تا هٿ نہ کڻندا تيسين کين ڪوبہ دليل ۽ برهان فائدو ڪونہ ڏيندو. الله تعالىٰ فرمائي ٿو:

(وَإِنْ يَرَوْا كُلَّ آيَةٍ لا يُؤْمِنُوا بِهَا)[1] جيڪو بہ اهڃاڻ ڏسن انتي ايمان ڪونہ آڻيندا. اهڙي ريت فرمائي ٿو: (سَوَاءٌ عَلَيْهِمْ ءَأَنْذَرْتَهُمْ أَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لا يُؤْمِنُونَ.)[2]انهن کي تنهنجو ڊيڄارڻ يا نہ ڊيڄارڻ ساڳئي ڳالهہ آهي، اهي ايمان ڪونہ آڻيندا.

---

[1] اعراف :١٤٦

[2] بقره : ٦

ٿيون هي تہ جن انهن کي خلافت لاءِ منتخب ڪيوآهي انهن پنهنجي چوندمِ غلطي ڪئي آهي جهڙي ريت عيسائين جي هڪ ٽولي غلطي ڪئي ۽ چوڻ لڳا تہ عيسىٰ عليه السلام الله جو پٽ آهي ۽ يهودين پڻ چيو تہ عزير عليه السلام الله جو پٽ آهي.

انڪري انسان کي ماڻهن جي غلط ڪمن جي پيروي ڪرڻ بجاءِ الله ۽ سندس رسول صلى الله عليه وآله جي اطاعت ڪرڻ گهرجي.

الله تعالىٰ فرمائي ٿو:

(أَطِيعُوا اللَّهَ وَأَطِيعُوا الرَّسُولَ) [1] الله ۽ سندس رسول صلى الله عليه وآله جي فرمانبرداري ڪريو.

بادشاهہ چيو : ان بحث کي اتي ڇڏي ڪو ٻيو بحث شروع ڪريو.

علوي چيو : اهل سنت جي هڪ وڏي غلطي هي آهي تہ علي عليه السلام کي ڇڏي وڃي ٻين جي ڳالهين جي پويان لڳا آهن!.

عباسي چيو : ڇو ؟

---

[1] نساء : ٥٩

علوي : انڪري جو علي عليه السلام کي رسول ﷺ مقرر ڪيو، ليڪن انهن ٽن کي رسول اڪرم ﷺ مقرر نہ ڪيو هو.

علوي بادشاهہ کي مخاطب ٿيندي ڳالهہ جاري رکي ۽ چيو : اي بادشاهہ جيڪڏهن تون پاڻ کان بعد ڪنهن کي بادشاهي لاءِ مقرر ڪرين تہ وزير ۽ ٻين عهديدارن کي تنهنجي پيروي ڪندي انکي قبول ڪرڻ گهرجي يا اهو حق اٿن تہ تنهنجي طرفان مقرر ٿيل جانشين کي هٽائي پاڻ تنهنجوڪو ٻيو جانشين مقرر ڪن؟!

بادشاهہ چيو : واضح آهي تہ منهجي فرمان جي پيروي ڪندي ڪين منهنجي طرفان مقرر ڪيل جانشين جي پيروي ڪرڻ گهرجي.

علوي چيو : شيعن بہ ائين ئي ڪيو آهي شيعن ان جانشين يعني علي بن ابي طالب عليه السلام جي پويان لڳا آهن جنهن کي رسول اڪرم ﷺ ۽ الله جي حڪم سان مقرر ڪيو ۽ ان کان سواءِ ٻين کي ڇڏي ڏنو اٿن.

عباسي چيو : علي بن ابيطالب عليه السلام خلافت لاءِ مناسب نہ هيو ڇوتہ سندس ڄمار گهٽ هئي ۽ ابوبڪر پوڙهو هو ، ٻئي طرف علي بن ابيطالب عليه السلام عربن جي وڏن کي ماريو ۽ عرب بهادرن کي نابود ڪيو هو انڪري عرب سندس خلافت کي قبول نہ ڪن ها، ليڪن ابو بڪر اهي ڪم ڪونہ ڪيا هئا.

علوي چيو: اي بادشاهہ ٻڌئہ ! تہ عباسي ڇا چيو؟! چوي ٿو ماڻهو مناسب شخص جي چونڊڻ ۾ الله ۽ سندس رسول کان بہ وڌيڪ ڏاها آهن انڪري علي عليه السلام کي چونڊڻ واري الله ۽ رسول صلى الله عليه وآله جي ڳالهہ کي ٺڪرائي ڪجهہ ماڻهن جي راءِ کي مڃي ٿو جن ابو بڪر کي وڌيڪ مناسب سمجهيو هو.

ڇڻ تہ عليم ۽ حڪيم پروردگار کي خبر ڪونہ هئي تہ افضل ۽ وڌيڪ مناسب ڪير آهي ۽ ڪجهہ نادان ماڻهن اچي وڌيڪ مناسب شخص کي منتخب ڪيو . ڇا الله تعالىٰ نہ فرمايوآهي تہ:

(وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَلا مُؤْمِنَةٍ إِذَا قَضَى اللَّهُ وَرَسُولُهُ أَمْرًا أَنْ يَكُونَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ أَمْرِهِمْ وَمَنْ يَعْصِ اللَّهَ وَرَسُولَهُ فَقَدْ ضَلَّ ضَلالا مُبِينًا)[1] جڏهن الله تعالىٰ حڪم ڪيو تہ پوءِ ڪنهن بہ مؤمن يا مؤمنياڻي کي انتخاب جو حق ناهي ۽ جنهن بہ الله ۽ رسول جي حڪم جي خلاف ورزي ڪئي بيشڪ اهو چٽي گمراهي ۾ ڀٽڪي ويو.

ڇا الله اهو نٿو فرمائي تہ :

---

[1] احزاب:٣٦

(يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اسْتَجِيبُوا لِلَّهِ وَلِلرَّسُولِ إِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيكُمْ)[1]

اي ايمان وارؤ! جڏهن الله ۽ رسول توهان کي حياتي ڏيڻ واري شيءِ ڏانهن سڏين تہ سندن سڏ ورنايو.

ان گفتگو کان بعد عباسي چيو تہ مون ايئن تہ نہ چيوتہ ماڻهو الله ۽ رسول ﷺ کان وڌيڪ ڄاڻو آهن .

علوي چيو: بس پوءِ تہ تنهنجي ڳالهہ تہ اجائي ۽ بي معنيٰ ٿي ويندي ڇوتہ جيڪڏهن الله ۽ رسول ﷺ ڪنهن خاص شخص کي خلافت ۽ امامت لاءِ مقرر ڪن تہ تنهنجي لاءِ لازمي آهي تہ ان جي پيروي ڪر پوءِ ماڻهو ان کي پسند ڪن يا نہ ڪن.

عباسيءَ چيو : پر علي عليہ السلام جون صلاحيتون گهٽ هيون.

علوي چيو: پهريون تہ تنهنجي ڳالهہ جي معنيٰ هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ علي بن ابيطالب عليہ السلام کي چڱي ريت ڪونہ پئي سڃاتو . ۽ اها خبر ڪونہ هئس تہ ان جون صلاحيتون گهٽ آهن ۽ ڪيس خليفو مقرر ڪيائين، تهنجي ان ڳالهہ مان جيڪو مطلب نڪري ٿو اهو تہ چٽو ڪفر آهي.

---

[1] انفال ۲۴

ٻيو تہ علي عليه السلام ۾ خلافت ۽ امامت جون صلاحيتون ۽ قابليتون اتم درجي تي موجود هيون. جيڪي علي عليه السلام کان علاوه ڪنهن ۾ به موجود ڪونہ هيون.

عباسي چيو : مثال طور ٻڌاءِ تہ اهي ڪهڙيون صلاحيتون هيون؟

علوي چيو: سندس صلاحتين جو شمار نٿو ڪري سگهجي ليڪن انهن مان ڪجهہ ڪي بيان ڪجي ٿو.

۱) خدا ۽ رسول صلى الله عليه وآله ڪيس امامت ۽ خلافت لاءِ چونڊيو.

۲) تمام صحابين کان وڌيڪ عالم ۽ ڏاهو هو رسول خدا صلى الله عليه وآله فرمائي ٿو :

(اَقْضَاكُمْ عَلِيٌّ)[1]

توهان مان علي عليه السلام سيني کان وڏو عالم ۽ سيني کان بهتر فيصلو ڪرڻ وارو آهي.

عمر بن خطاب چوي ٿو :"اَقضَانَا عَليٌّ" علي عليه السلام اسان سيني کان بهتر فيصلو ڪرڻ وارو آهي.

رسول اڪرم صلى الله عليه وآله جو فرمان آهي : "اَنَا مَدِينَةُ العَلمِ وَ عَلِيٌّ بَابُهَا فَمَنْ اَرَادَ المَدِينَةَ وَ الحِكْمَةَ فَليَاتَ البَاب"[1]

---

[1] احقاق الحق:۳۲۱/۴ ۽ ج۳۷۰/۱۵

آءٌ علم جو شهر ۽ علي عليه السلام انجو دروازو آهي بس جنهن کي بہ شهر ۽ ڏاهپ ڏانهن اچڻو آهي تہ دروازي وٽ اچي.

پاڻ علي عليه السلام بہ فرمائن ٿا:

"عَلَّمَنِيْ رَسُولُ اللهِ اَلْفَ بَابٍ مِنَ العِلمِ يَفْتَحُ مِنْ كُلِّ بَابٍ اَلْفُ بَابٍ"[2]

رسول الله مونکي علم جاهزار دروازا سيکاريا ۽ منهنجي لاءِ هر دروازي مان هزار دروازا کلن ٿا.

واضح آهي تہ عالم ۽ ڄاڻو شخص ۽ جاهل ۽ ان ڄاڻ کان مٿاهون آهي الله تعالىٰ فرمائي ٿو :

(هَلْ يَسْتَوِي الَّذِينَ يَعْلَمُونَ وَالَّذِينَ لا يَعْلَمُونَ)[3] ڇا ڄاڻو ۽ اڻڄاڻ هڪجهڙا آهن ؟.

۳) علي عليه السلام جن پاڻ کان علاوه ٻئي ڪنهن جا بہ محتاج ڪونہ هئا ليڪن ٻيا سڀ سندن محتاج هئا ڇا ابوبڪر نہ چيو آهي تہ : "مونکي ڇڏيو ڇو جو جيسين توهان ۾ علي موجود آهي آءٌ اوهان ۾ بهتر ناهيان."[4] ؟!

---

[1] احقاق الحق ۳۷۶/۴ ۽ ۵۲/۵

[2] احقاق الحق ۳۴۲/۴ ۽ ۶ /۴۰

[3] زمر:۹

ڇا عمر ستر ڀيرن کان بہ وڌيڪ نہ ڇيو آهي " جيڪڏهن علي نہ هجي ها تہ پڪ سان عمر هلاڪ ٿي وڃي ها."[1]؟

"اي ابوالحسن الله مونکي اهڙي مشڪل ۾ نہ ڦاسائي جنهن جي حل لاءِ تون نہ هجين."[2]

" جنهن مهل علي عليه السلام مسجد ۾ هجي توهان مان ڪنهن کي بہ فتويٰ ڏيڻ جو حق ناهي."

۴) علي عليه السلام ڪڏهن بہ الله جي نافرماني نہ ڪئي آهي ۽ الله کانسواءِ ڪنهن جي بہ عبادت ڪونہ ڪئي اٿس ۽ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن بت آڏو ڪونہ جهڪيو جڏهن تہ انهن ٽنهين الله جي نافرماني بہ ڪئي ۽ الله کانسواءِ ٻين خدائن جي پوڄا پڻ ڪيائون ۽ بتن آڏو سجدا بہ ڪيا اٿن.

الله تعالىٰ فرمائي ٿو:

(لا يَنَالُ عَهْدِي الظَّالِمِينَ)[3] منهنجو عهدو ظالمن کي نہ ملندو واضح آهي تہ گنهگار ظالم آهن، انکري خدائي عهدي (يعني نبوت ۽ امامت) جا حقدار نہ آهن.

---

[1] احقاق الحق ۲۴۰/۸

[2] مستدرک حاکم کتاب الصلاة ۳۵۸/۱ الاستيعاب ابن عبد ربہ:۳۹/۳ و...

[3] بقره: ۱۲۴

٥) علي عليه السلام صحيح فڪر وڏي عقل ۽ اسلامي تعليمات مطابق صحيح راءِ جا مالڪ هئا ، جڏهن تہ انهن ٽن جو فڪر غيرسالم ٿيڻو ۽ شيطاني تعليمات مان ورتل هو.

ابوبڪر چوي ٿو تہ : مون وٽ هڪ شيطان آهي جيڪومونکي ڏوڪو ڏئي ٿو.

عمر ڪيترين ئي جاين تي رسول اڪرم ﷺ جن جي مخالفت ڪئي آهي. عثمان بہ بدفڪر هو سندس راءِ پختي ڪونہ هئي ، وزغ ابن وزغ (جنهن تي ۽ سندس نسل مان ٿورڙن مؤمن ڪان علاوه ٻئي سڄي نسل تي رسول الله ﷺ جن لعنت ڪئي هئي)، اهڙي ريت مروان بن حڪم ۽ ڪعب الاحبار جهڙا آس پاس وارا ٻيا چاڙتا مٿس اثر انداز ٿيندا هئا.

بادشاهہ وزير ڏانهن رخ ڪري چيو: ڇا اهو صحيح آهي تہ ابو بڪر چيو تہ آهي تہ : مون وٽ هڪ شيطان آهي جيڪو مونکي ڏوڪو ٿو ڏئي؟

وزير چيو : ها روايت جي ڪتابن ۾ اها ڳالهہ موجود آهي.

بادشاهہ وزير ڏانهن نهاريندي چيو : ڇا اهو صحيح آهي تہ عمر رسول الله ﷺ جي مخالفت ڪئي؟!

وزير چيو : علوي ڪان پڇڻ گهرجي تہ سندس مطلب ڇاآهي؟

علوي چيو : ها ! سني عالمن پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو آهي ته عمر گهڻين ئي جاين تي رسول اڪرم ﷺ جن جي حڪمن کي رد ڪيو ۽ ڪيترين ئي جاين تي پاڻ سڳورن ﷺ جي مخالفت ڪيائين انهن مان:

(الف) جڏهن رسول اڪرم ﷺ عبد الله بن ابيّ جي جنازي نماز پڙهڻ جو ارادو ڪيو ته عمر سختي ۽ سنگدلي سان آنحضرت ﷺ جي مخالفت ڪئي ۽ جيترو ٿي سگهيو ٿي، پيغمبر اڪرم ﷺ کي ايذائيائين جڏهن ته الله تعالىٰ فرمائي ٿو: (وَالَّذِينَ يُؤْذُونَ رَسُولَ اللَّهِ لَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ)[1] جيڪي رسول الله ﷺ کي ايذائن ٿا انهن لاءِ ڏکوئيندڙ پيڙا آهي.

(ب) جڏهن رسول الله ﷺ حج تمتع ۽ عمره تمتع جي وچ ۾ فاصلي جو حڪم ڏنو ۽ انهن جي وچ ۾ مردن کي پنهنجي گهروارين ڏانهن وڃڻ جي اجازت ڏني ته عمر پيغمبر ﷺ تي اعتراض ڪيو ۽ هي گستاخ جملا چيا "ڇا ان حال ۾ احرام ٻڌندين جڏهن ته اسان جي آلت مان مني پئي وهي؟!."

نبي اڪرم ﷺ به ساڻس مخالفت ڪئي ۽ فرمايو : حقيقت هي آهي ته تو هرگز مون تي ايمان ڪونه آندو آهي.

---

[1] توبه ٦١

نبي اڪرم ﷺ ان ذريعي سمجهايو تہ عمر انهن ماڻهن مان آهي جن اسلام جي ڪنهن ذري تي بہ ايمان ڪونہ آندو آهي .

(ج) عورتن سان متعہ جي باري ۾ بہ مخالفت ڪيائين ۽ الله جي ان حڪم تي بہ ايمان ڪونہ آندائين جڏهن خلافت جي تخت کي غصب ڪري بادشاهي حاصل ڪيائين تہ چيائين: "بہ متعا رسول الله ﷺ جي فرمان موجب حلال هئا ۽ آءٌ انهن ٻنهين کي حرام ٿو ڪريان ۽ جيڪو بہ انهن کي انجام ڏيندو تنهن کي سزا ڏيندس."

جڏهن تہ الله تعالىٰ فرمائي ٿو : (فَمَا اسْتَمْتَعْتُمْ بِهِ مِنْهُنَّ فَآتُوهُنَّ أُجُورَهُنَّ)[1] جڏهن خواتين مان لاڀ وٺو تہ ڪين سندن اجورو (مهر) ڏيو.

مفسرن بيان ڪيو آهي تہ هي آيت متعہ جي جائز هئڻ بابت نازل ٿي آهي ۽ مسلمان عمر جي دؤر حڪومت ۾ بہ ان حڪم تي عمل ڪندا هئا ۽ جڏهن عمر ان کي حرام ڪيو تہ مسلمانن ۾ بدڪاري عام ٿي.[2]

---

[1] نساء، آيت٢٤

[2] حضرت علي (ع) فرمائن ٿا :جيڪڏهن عمر متعہ کي حرام نہ ڪري ها تہ ڪو بد بخت انسان ئي زنا ڪري ها .

عمر پنهنجي ان عمل ذريعي خدائي حڪم ۽ رسول الله ﷺ جي سنت جو دروازو بند ڪري زنا ڪي رواج ڏنو ۽ هن آيت جو مصداق ٿيو (وَمَنْ لَمْ يَحْكُمْ بِمَا أَنْزَلَ اللَّهُ فَأُولَئِكَ هُمُ الْكَافِرُونَ ... الظَّالِمُونَ ... الْفَاسِقُونَ)[1] جيڪي الله جي حڪمن جي مطابق حڪم نه ڪن تہ اهي ئي ڪافر ...ظالم ....فاسق آهن .

(د) ـ پهريان بہ بيان ڪيو ويو تہ ـ صلح حديبيہ ۾ بہ رسول اڪرم ﷺ جي مخالفت ڪيائين ؛ ۽ ٻين بہ ڪيترن ئي موقعن تي رسول اڪرم ﷺ جي مخالفت ڪيائين ۽ پنهنجي نامناسب قول سان پاڻ سڳورن ﷺ کي رنجايائين.

بادشاهہ چيو : تہ حقيقت هي آهي تہ آءٌ بہ عورتن جي متعہ کي پسند ڪو نہ ٿو ڪريان .

علوي چيو : ڇا تون اعتراف ڪرين ٿو تہ اهو هڪ ديني حڪم آهي يا نہ؟

بادشاهہ چيو: نہ آءٌ ان کي نٿو مڃيان.

علوي چيو تہ پوءِ هن آيت جي معنيٰ ڇا آهي؟ (فَمَا اسْتَمْتَعْتُمْ بِهِ مِنْهُنَّ فَآتُوهُنَّ أُجُورَهُنَّ). اهڙي ريت عمر جي ان قول جو مطلب ڇا ٿيندو جو چوي ٿو تہ رسول

---

[1] مائده :۴۴، ۴۵، ۴۷

الله ﷺ جي زماني ۾ ٻه متعا حلال هئا آءٌ انهن کي حرام ٿو ڪريان؟!

ڇا عمر جي قول جي معنيٰ هي ناهي تہ رسول الله ﷺ جي زماني ۾ عورتن ۽ ڪنيزن سان متعہ جائز هيو ۽ ابوبڪرجي بادشاهي ۾ پڻ جائز هو ايتري تائين جو عمر جي حڪومت جي شروعاتي دؤر ۾ پڻ جائز ۽ رائج هو ۽ ان ئي منع ڪري انکان روڪيو.

ان باري ۾ ان کان علاوه ٻيا ٻہ دليل موجود آهن.

اي بادشاهہ عمر پاڻ عورتن سان متعہ ڪندو هو ۽ عبدالله بن زبير تہ پاڻ متعہ جي نڪاح مان ڇاول هو!.

بادشاهہ چيو : اي نظام الملڪ تنهنجو خيال ڇا هي؟

وزير چيو: علوي جا دليل تہ صحيح ۽ مڪمل آهن پر جيئن تہ عمر ان ڪم کان روڪيو آهي ان ڪري اسان کي انجي فرمانبرداري ڪرڻ گهرجي.

علوي چيو : الله ۽ سندس رسول ﷺ اطاعت جا وڌيڪ حقدار آهن يا عمر؟!

اي وزير ڇاهي آيت نہ پڙهي اٿئہ ؟

(وَمَا آتَاكُمُ الرَّسُولُ فَخُذُوهُ وَمَا نَهَاكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوا)[1]

---

[1] سوره حشر :۷

جيڪو ڪجهه رسول اوهانکي ڏئي ان کي وٺو ۽ جنهن کان جهلي ان کان مڙي وڃو.

(وَ أَطِيعُوا الرَّسُولَ)[1] ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪريو.

(لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِي رَسُولِ اللَّهِ أُسْوَةٌ حَسَنَةٌ)[2] ۽ حقيقت ۾ توهان لاءِ رسول اڪرم ﷺ جي ذات نمونہ عمل آهي.

چاهي مشهور حديث نہ ٻڌي اٿئ؟! :

''حَلالُ مُحَمَّدٍ حَلالٌ اِلَى يَومِ الْقِيَامَةِ وَ حَرَامُ مَحَمَّدٍ حَرَامٌ اِلَى يَومِ الْقِيَامَةِ ''

جنهن شيءِ کي حضرت محمد ﷺ حلال ڪيو اها ڏهاڙي قيامت تائين حلال ۽ جنهن کي حرام ڪيائين اها بہ ڏينهن قيامت تائين حرام رهندي.

بادشاهہ چيو منهنجو اسلام جي هڙني قانونن تي ايمان آهي ليڪن سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ متعہ ڪيئن حلال ڪيو ويو آهي؟ ڇا توهان مان ڪنهن جي دل گهرندي تہ پنهنجي نياڻي ڪجهہ وقت لاءِ ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏئي؟ ڇا اهو برو نہ ٿو لڳي؟

---

[1] نساء:۵۹

[2] احزاب:۲۱

علوي چيو : اي بادشاهہ توهان ان باري ۾ چا ٿا چئو جو ڪو ماڻهو پنهنجي نياڻي کي هميشہ جي لاءِ ڪنهن ماڻهو کي ڏئي جڏهن تہ اها بہ خبر هجيس تہ ڪلاڪ کان بعد هو انکي طلاق ڏئي ڇڏيندو؟

بادشاهہ چيو: اهو بہ سٺو ڪونہ آهي.

علوي چيو : سني تہ چون ٿا اهڙي قسم جو دائمي نڪاح تہ صحيح آهي ۽ ان کان بعد واري طلاق پڻ صحيح آهي.

هاڻ ان دائمي نڪاح ۽ متعہ (عارضي نڪاح) ۾ ان کان سواءِ ٻيو ڪهڙو فرق آهي تہ متعہ مقرر ڪيل وقت تي پاڻمرادو ختم ٿي ويندو ۽ دائمي نڪاح طلاق ڏيڻ سان ختم ٿيندو.

ٻين لفظن ۾ چئي سگهجي ٿو تہ متعہ وارو عقد اجاري جي عقد وانگر آهي ۽ دائمي عقد ملڪيت واري عقد وانگر آهي اجاري جو معاملو وقت جي پوري ٿيڻ سان پاڻ ختم ٿي وڃي ٿو ۽ ملڪيت شيءِ جي وڪڻڻ سان ختم ٿئي ٿي.

ان سبب متعہ جو قانون هڪ صحيح ۽ سالم قانون آهي ڇو تہ اهو انساني جسم جي طبيعي ضرورتن پٽاندڙ مقرر ڪيو ويو آهي. ۽ دائمي عقد جيڪو طلاق ذريعي ختم ٿئي ٿو اهو پڻ صحيح ۽ انسان جي طبيعي ضرورتن جي پوري ڪرڻ جو ذريعو آهي.

اي بادشاهہ ! هاڻ توهان کان ٿو پڇان تہ جن بيواهہ عورتن کي مڙس ڪونہ آهي ۽ انهن ڏانهن ڪو شادي لاءِ بہ ڪونہ ٿو وڃي انهن بابت ڇاڻا چئو؟. ڇا متعہ انهن کي بچڙاين کان بچائڻ جو اڪيلو رستو ناهي.؟!

ڇا متعہ جي حق مهر ذريعي انکي ڪجهہ مال هٿ نہ ٿو اچي جنهن ذريعي پنهنجو ۽ پنهنجي يتيم ٻارڙن جو پيٽ گذران ڪري؟!

انهن جوانن ۽ مردن جي باري ۾ ڇاڻا فرمايو جن کي دائمي نڪاح ڪرڻ جي سگهہ ڪونہ آهي ؟ ڇا متعہ انهن کي شهوت جهڙي پڙڪائيندڙ طاقت ۽ فسق و فجور ۽ عياشي کان بچائڻ جو واحد ذريعو ناهي ؟! ڇا متعہ زنا ۽ همجنس بازي ۽ مشتزني جهڙي مؤذي مرضن کان بهتر ناهي؟!

اي بادشاهہ منهنجي خيال ۾ زنا ۽ لواط يا استمناء جيڪي ماڻهن ۾ عام ٿيا آهن انهن جو بنيادي سبب عمر ڏانهن موڙي ٿو ۽ عمر انهن جي گناهن ۾ برابر جو شريڪ آهي ڇو تہ ان متعہ کي حرام ڪري ماڻهن کي ان کان روڪيو.

ڪيترن ئي روايتن ۾ آيو آهي تہ ماڻهن ۾ زنا ان وقت عام ٿي جڏهن عمر متعہ کي حرام ڪيو.

اي بادشاهہ توهان جيڪو چيو تہ توهان متعہ کي پسند ڪونہ ٿا ڪريو .... ان جي جواب ۾ عرض تہ اسلام ڪنهن کي ان ڪم لاءِ مجبور تہ ڪونہ ڪيو آهي

جهڙي ريت توکي مجبور نہ ڪيو اٿس تہ پنهنجي نياڻي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جي دائمي نڪاح ۾ آڻ جنهن بابت چاڻين ٿو تہ هو ٿورڙي وقت کان پوءِ ڪيس طلاق ڏئي ڇڏيندو. انکي بہ ڇڏ پر ڪنهن ڪم بابت تنهنجي يا ٻين ماڻهن جي دلچسپي نہ هئڻ يا ان ڪم کان نفرت ان جي حرام هئڻ جو دليل تہ نٿي ٿي سگهي ڇو تہ الله جو حڪم ثابت آهي ۽ هوا هوس ۽ ماڻهن جي راءِ يا نفساني خواهشن سان ان ۾ ڪا بہ تبديلي ڪونہ ايندي!.

بادشاهہ وزير ڏانهن نهاريندي چيو : متعہ جي جائز هئڻ بابت علوي جو دليل تہ مظبوط آهي.

وزير چيو : ليڪن عالمن تہ عمر جي راءِ جو احترام ۽ انجي پيروي ڪئي آهي.

علوي چيو :

١) سيني اسلامي عالمن نہ پر رڳو سني عالمن عمر جي پيروي ڪئي آهي.

٢) الله جو حڪم پيروي جو وڌيڪ حقدار آهي يا عمر جي ڳالهہ ؟!

٣) توهان جي پنهنجي عالمن بہ عمر جي ان قانون کي ٽوڙيو آهي.

وزير پڇيو: اهو وري ڪيئن؟!

علوي چيو : چو تہ عمر چيو هو تہ " رسول الله ﷺ جي زماني ۾ ٻہ متعا حلال هئا آءٌ انهن ٻنهين کي حرام ٿو ڪريان: هڪ حج وارو متعہ ۽ ٻيو خواتين سان متعہ، جيڪڏهن عمر جي ڳالهہ صحيح آهي تہ پوءِ اوهان جي عالمن حج واري متعہ بابت ان جي ڳالهہ ڇونہ مڃي آهي؟ ! انهن عمر جي راءِ جي مخالفت ڪندي چيو آهي تہ : عمر جي حرام ڪرڻ باوجود حج وارو متعہ صحيح آهي !

جيڪڏهن عمر جو قول غلط آهي تہ پوءِ توهان جا عالم عورتن واري متعہ جي حرام هئڻ بابت ان جي قول جي پيروي ڇو ٿا ڪن؟!

وزير خاموش ٿي ويو ۽ ڪجهہ بہ نہ چيائين.

بادشاهہ حاضرين ڏانهن منهن ڪري چيو: علوي جو جواب ڇونہ ٿا ڏيو؟!

شيعہ عالمن مان ـ حسن قاسمي نالي ـ هڪ عالم چيو تہ: عمر ۽ سندس پيروڪارن تي اهي اعتراض وارد آهن اهو ئي سبب آهي جو هتي موجود افراد اسان جي علوي سيد جي اعتراضن جو جواب نٿا ڏئي سگهن.

بادشاهہ چيو : بس ان موضوع کي ڇڏي ڪنهن ٻئي موضوع بابت بحث ڪيو.

عباسي چيو : اهي شيعا سمجهن ٿا تہ عمر ۾ ڪابہ فضيلت ڪونہ هئي ان جي اها ئي فضيلت ڪافي آهي تہ ان اسلام خاطر ملڪ فتح ڪيا.

علوي چيو: اسان وٽ انجا ڪجهہ جواب آهن :

۱) سيئي حڪمران ۽ بادشاهہ پنهنجي حڪومت جي سرحدن کي وسيع ڪرڻ لاءِ ٻين ملڪن تي چڙهايون ڪندا آهن ڇا اها بہ ڪا فضيلت آهي؟!.

۲) جيڪڏهن ڪٿي مڃيون تہ ملڪن تي چڙهائي ڪري فتح ڪرڻ شان جو سبب هجي تہ ڇا ان ذريعي پيغمبر ﷺ جي خلافت تي قبضي ڪرڻ واري مسئلي کي صحيح ڪري سگهجي ٿو.؟!

جڏهن تہ پيغمبر ﷺ پنهنجي خلافت ان کي نہ پر علي عليہ السلام کي سونپي هئي اي بادشاهہ ! جيڪڏهن تون ڪنهن کي پنهنجو جانشين بڻائين ۽ ٻيو ڪير اچي انکان اهو عهدو کسي قبضو ڪري تخت تي چڙهي ويهي ۽ اچي ملڪ فتح ڪري يا خير جا ڪم ڪري تہ ڇا تون انجي فتوحات کي پسند ڪندين؟ يا تنهنجي جانشين کي هٽائي ان جي مقام تي قبضي ڄمائڻ ۽ تنهنجي ولي عهد کي معزول ڪرڻ ۽ تنهنجي اجازت کان بغير تخت تي ويهڻ سبب متس ناراض ٿيندين.؟!

بادشاهہ چيو : ظاهر آهي تہ ناراض ٿيندس ۽ ان جون فتوحات سندس جرمن جي چُٽن کي ڏوئڻ لاءِ ڪافي نہ آهن.

علوي چيو : عمر بہ ايئن ئي هو ۽ خلافت ۽ جانشيني جي مقام تي قبضو ڪري پيغمبر ﷺ جي جاءِ تي ٿي ويٺو ۽ ان ڪم بابت رسول الله ﷺ طرفان ڪا بہ اجازت ڪونہ هئس.

۳) عمر جون فتوحات هڪ غلطي هئي ۽ توقعات جي ابتڙ ان جا ناڪاري نتيجا نڪتا ڇو تہ رسول الله ﷺ جن ڪنهن سان بہ جنگ ڪرڻ ڪونہ ويندا هئا سندس سڀ جنگيون دفاعي هيون ۽ دشمن جي حملي کان پوءِ ئي وجود ۾ آيون اهوئي سبب هو جو ماڻهو اسلام جا مشتاق ٿي پيا ۽ ٽولن جا ٽولا اچي اسلام قبول ڪرڻ لڳا ڇو تہ ماڻهن کي خبر پئجي وئي هئي تہ اسلام امن ۽ سلامتي جو دين آهي.

هيڏانهن وري عمر اچي ملڪن تي حملا شروع ڪيا ۽ تلوار ۽ طاقت جي زور تي انهن کي مسلمان ڪرڻ شروع ڪيو . اهو ڪارڻ ٿيو جو ماڻهو اسلام کان نفرت ڪرڻ لڳا ۽ ان مقدس دين کي امن، سلامتي ۽ عقل ۽ منطق جي دين سمجهڻ بدلي ڏنڊي ۽ تلوار جو دين سمجهڻ لڳا ان جي ڪري ئي دين جا دشمن گهڻا ٿي ويا ۽ عمر جون فتوحات

اسلام جي بدنامي جو سبب بڻيون ۽ انهن جا ڪيترائي ناڪاري نتيجا نڪتا.

جيڪڏهن اهي ٽئي خلافت کي سندس اصلي قانوني ۽ شرعي مالڪ يعني علي عليه السلام کان نہ ڦرن ها ۽ اها عظيم هستي خلافت جون واڳون سنڀالي ها تہ يقين سان رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم کان بعد مسلمانن جي ڪمن ڪارن جو جائزو وٺي ها ۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي سيرت تي عمل ڪندي سندن پيروي ڪري ها ۽ ان پروگرام تحت ماڻهو ٽولن جا ٽولا اسلام قبول ڪن ها ۽ اسلامي حڪومت جو جهنڊو زمين جي گولي تي پکڙجي وڃي ها ليڪن..... !
لَا حَولَ وَلَا قُوَّةَ اِلا بِالله العَلِيِّ العَظِيمِ.

اتي علوي سيد وڏو ٽڏو ساهہ ڪٽي پنهنجو هڪ هٿ ٻئي هٿ تي هٽي رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي رحلت کان بعد خلافت جي مرتبي کي پنهنجي اصل مالڪ يعني علي عليه السلام کان غصب ڪرڻ سبب اسلام کي پيش آيل مصيبتن تي پنهنجي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو.

بادشاهہ عباسي ڏانهن مخاطب ٿيندي چيو : علوي جي ڳالهين جو تو وٽ ڪهڙو جواب آهي؟!

عباسي چيو : هينئر تائين مون اهڙيون ڳالهيون ٻڌيون ئي ڪونہ هيون.

علوي چيو: هاڻ تہ ٻڌئہ ! ۽ تنهنجي لاءِ حقيقت وائکي ٿي تہ پوءِ هاڻي انهن خليفن کي ڇڏي رسول الله ﷺ جي قانوني خليفي يعني علي بن ابيطالب عليه السلام جي پيروي ڪر.

علوي هڪدم چيو : اي سنيو ! توهان جا ڪم بہ عجيب آهن بنياد کي ڇڏي وڃي شاخن کي ٿا چنبڙو!.

عباسي چيو : اهو وري ڪيئن؟

علوي چيو: عمر جي فتوحات جا تہ گيت ڳائيو ٿا ليڪن علي بن ابي طالب عليه السلام جي فتوحات کي وساري ڇڏيو اٿو.

عباسي چيو: علي عليه السلام وري ڪهڙيون جنگيون فتح ڪيون؟!

علوي چيو: رسول اڪرم ﷺ جون اڪثر جنگيون علي عليه السلام جي هٿان ئي تہ فتح ٿيون. مثال طور جنگ بدر، خيبر، حنين، احد، خندق وغيره ...

جيڪڏهن اهي فتحون جيڪي اسلام جو بنياد آهن نہ هجن ها تہ، نہ عمر هجي ها ۽ نہ وري اسلام ۽ ايمان جو ڪو وجود ۽ نالو نشان ....!

ان جو دليل بہ رسول الله ﷺ جو اهو فرمان آهي جيڪو پاڻ جنگ خندق ۾ علي عليه السلام جي عمرو بن عبدود جي مقابلي لاءِ وڃڻ وقت فرمايائون : پوري جو پورو ايمان پوري جي پوري ڪفر جي مقابلي لاءِ ويو آهي اي الله ! جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ تنهنجي عبادت نہ ٿئي تہ نہ

ٿيندي (۽ جيڪڏهن چاهين ٿو تہ تنهنجي عبادت ٿيندي رهي تہ علي عليه السلام کي ڪامياب ڪر.)

ان جي معنيٰ هي آهي تہ جيڪڏهن علي عليه السلام قتل ٿي ويو تہ مشرڪن ۾ مونکي قتل ڪرڻ جي همت پيدا ٿيندي ۽ سيني مسلمانن کي پڻ ماري ڇڏيندا ۽ اهڙي طرح اسلام ۽ ايمان جو نالو نشان باقي نہ رهندو، اهڙي ريت اهو بہ فرمايائون تہ : " ضَربَةُ عَلِيٍّ يَومَ الخَندَقِ اَفضَلُ مِن عِبَادَةِ الثَقَلَينِ."[1] خندق واري ڏهاڙي علي عليه السلام جو هڪ وار تمام جنن ۽ انسانن جي عبادت کان افضل آهي.

ان بنياد تي اهو چوڻ درست آهي تہ اسلام جو وجود حضرت نبي صلى الله عليه وآله جي ڪري ۽ بقا علي عليه السلام جي وجود سبب آهي ۽ اهڙي ريت اسلام جي بقاء ۽ دوام الله ۽ علي عليه السلام جي صدقي آهي.

عباسي چيو: جيڪڏهن قبول ڪيون تہ تنهنجي ڳالهہ صحيح آهي تہ عمر غلطي ڪئي ۽ غاصب هو ۽ دين ۾ تبديليون آندائين، پر توهان ابوبڪر کان نفرت ڇوتا ڪريو؟!

علوي چيو : ان جا بہ ڪارڻ آهن جن مان :

---

[1] نهاية المعقول ،فخر رازي: ١٠٤ ،مستدرک حاکم :٣٢/٣، تاريخ بغداد: ١٩/٣ تلخيص المستدرک ذهبي:٣٢/٣،اوجہ المطالب:٤٨١ ،احقاق الحق: ٤/٦ ۽٤٠٢/١٦.

١) ان رسول الله ﷺ جي نياڻي ۽ جنت جي خواتين جي سردار حضرت زهراءعليها السلام سان جيڪو ورتاءُ ڪيو.

٢) زاني ۽ ڏوهاري (خالد بن وليد) تي اسلامي حد جاري نہ ڪئي.

بادشاهہ تعجب مان چيو : ڇا خالد بن وليد ڏوهاري هو؟!

علوي چيو : هائو!

بادشاهہ چيو : سندس ڏوهہ ڪهڙو هو ؟

علوي چيو : سندس ڏوهہ هي هو تہ ابوبڪر ڪيس نبي سڳوري ﷺ جي جليل القدر ساٿي مالڪ بن نويره (جنهن کي نبي ﷺ جنت جي بشارت ڏني هئي) ڏانهن موڪليو ، ابوبڪر خالد بن وليد کي حڪم ڏنو تہ مالڪ ۽ سندس قوم کي قتل ڪري.

مالڪ جيڪو مديني کان ٻاهر رهندو هو جڏهن خالد بن وليد کي سپاه سميت پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺوجيڪي ساڻس جنگ لاءِ اڳتي وڌندا ٿي آيا تہ پنهنجي قوم کي هٿيارن کڻڻ جو حڪم ڏنائين ۽ انهن بہ هٿيار هٿ ۾ کنيا.

جڏهن خالد انهن وٽ پهتو تہ ڏوڪو ڪري الله جو ڪوڙو قسم کڻي چيائين تہ آءٌ اوهان بابت ڪو برو ارادو ڪونہ ٿو رکان ۽ اوهان سان جنگ لاءِ ناهيون آيا بلڪہ اڄ رات اوهان جا مهمان آهيون.

مالڪ بن نويره خالد جي قسم تي پروسو ڪيو ۽ پاڻ سندس قبيلي هٿيار کڻي ڦٽا ڪيا ۽ جڏهن نماز جو وقت ٿيو تہ مالڪ ۽ سندس قبيلي نماز جون صفون ٻڌي نماز شروع ڪئي ان وقت خالد ۽ سندس فوج وجهہ وٺي مٿن چڙهائي ڪري سيني کي کڻي قيد ڪيو ۽ پوءِ خالد انهن سيني کي ماري ڇڏيو.

ان کان پوءِ خالد، مالڪ جي گهرواريءَ ڏانهن جيڪا هڪ سهڻي عورت هئي لالچي اکيون وڌيون ۽ جنهن رات انجي ور کي قتل ڪيائين ان ئي رات ساڻس زنا ڪيائين ۽ مالڪ ۽ سندس قوم جي مردن جي ڳچين کي ديڳين جي چلهن تي رکي پنهنجي زنا جي وليمي جوڪاڏو تيار ڪرائي فوجين سان گڏجي کاڏائين!

خالد جي مديني واپسيءَ تي عمر چاهيو تہ مسلمانن جي قتل ڪرڻ سبب خالد کي قصاص ڪري ۽ مالڪ جي گهرواري سان ڏاڍائي سبب مٿس حد جاري ڪري ، ليڪن (اوهانجي مؤمن) ابوبڪر ان ڪم جي سخت مخالفت ڪئي ۽ اهڙي ريت مسلمانن جو رت ضائع ڪيائين ۽ خدائي حدن مان هڪ حد جي جاري ٿيڻ ۾ رڪاوٽ بڻيو.

بادشاهہ وزيرڏانهن منهن ڪري پڇيو: علوي جيڪو خالد بن وليد ۽ ابوبڪر بابت چيو ڇا اهو صحيح آهي ؟!

وزير چيو ها! مؤرخن ايئن بيان ڪيو آهي.

بادشاهہ چيو : تہ پوءِ ڪجهہ ماڻهو ان ڪي الله جي اگهاڙي تلوار ڇو چوندا آهن ؟

علوي چيو : هو تہ شيطان جي ٽڙڪندڙ تلوار هو ڇاڪاڻ تہ هو علي عليه السلام جو دشمن هو ۽ فاطمہ زهرا عليها السلام جي گهرجي دروازي کي ساڙڻ ۾ عمر سان گڏ هو ۽ ان هوندي بہ ڪجهہ ماڻهو ڪيس سيف الله ٿا سڏين !!!!

بادشاهہ چيو ڇا سني علي عليه السلام جا دشمن آهين ؟

علوي چيو : جيڪڏهن دشمن ناهن تہ پوءِ جن علي عليه السلام جو حق ڪسيو انهن جي ساراهہ ڇو ٿا ڪن ۽ ۽ سندس دشمنن جي چوڌاري ڇو ٿا ڦرندا وتن؟ ۽ علي عليه السلام جي فضائل جو انڪار ڪندي ڪيني ۽ دشمني کي اتي وڃي پهچايو اٿن جو چون ٿا تہ "ابو طالب عليه السلام ايمان کان بغير دنيا مان هليو ويو."

جڏهن تہ هو مؤمن هو ۽ سخت ترين حالات ۾ اسلام جي مدد ڪيائين ۽ رسالت کي انجام ڏيڻ ۾ پيغمبر اسلام صلى الله عليه وآله جو ٻانهن ٻيلي رهيو.

بادشاهہ چيو : ڇا ابو طالب اسلام آندو هو؟

علوي چيو : ابو طالب عليه السلام ڪافر تہ ڪونہ هو جو اسلام آڻي ۽ هو مؤمن هو ليڪن پنهنجي ايمان کي لڪائيندو هو ايستائين جو جڏهن نبي اڪرم صلى الله عليه وآله جن پنهنجي نبوت جو اعلان ڪيو تہ پاڻ نبي اڪرم صلى الله عليه وآله جي هٿ تي پنهنجي

ايمان جواعلان ڪيائين . انڪري ابوطالب عليه السلام ٿيون مسلمان آهي، پهريون علي بن ابيطالب عليه السلام ٻيو حضرت خديجه عليها السلام پيغمبر صلى الله عليه وآله جي گهرواري ۽ ٿيون ابوطالب عليه السلام .

بادشاهه وزير کي چيو: ڇا ابو طالب عليه السلام بابت علوي جي ڳالهه صحيح آهي ؟!

وزير چيو : ها ڪجهه تاريخدانن اهو ذڪر ڪيو آهي.

بادشاهه چيو: ته پوءِ سنين اهو ڇو مشهور ڪيو آهي ته ابوطالب عليه السلام ڪفر جي حالت ۾ هيءَ دنيا ڇڏي.

علوي چيو: سنين جو علي عليه السلام سان ڪينو ۽ ساڙ سبب ٿيو جو سندس والد بابت اهڙيون گٽيون ڳالهيون ڪن جهڙي ريت سندن ڪينو ئي سبب ٿيو جو ان جي فرزندن جنت جي جوانن جي سردارن امام حسن عليه السلام ۽ امام حسين عليه السلام کي شهيد ڪيائون . ايتري تائين جو جيڪي سني ڪربلا جي ميدان ۾ امام حسين عليه السلام کي شهيد ڪرڻ آيا هئا چيائون پئي ته توکي تنهنجي پيءُ سان دشمني ۽ جنگ بدر ۽ حنين ۾ اسان جي وڏن سان جيڪا حالت ڪئي هئائين ان سبب توکي قتل ٿا ڪريون.

بادشاهه وزير ڏانهن نهاري چيو: ڇا امام حسين عليه السلام جي قاتلن ايئن چيو آهي؟

عباسي چيو : مؤرخن لکيو آهي ته امام حسين عليه السلام جي قاتلن ايئن چيو هو.

بادشاهہ عباسيءَ کي چيو : خالد جي باري ۾ تنهنجو جواب ڇا آهي؟

عباسي چيو : ابو بڪر ان ۾ ئي مصلحت ڏٺي.

علوي تعجب مان چيو: سبحان الله اها ڪهڙي مصلحت آهي جو خالد بي گناهہ مسلمانن کي قتل ڪري ۽ سندن گهروارين سان زنا ڪري ۽ ان وقت سزا ڏيڻ ۽ حد جاري ڪرڻ کانسواءِ ڪيس آزاد ڪري ڇڏين . اهو تہ ٿهيو پر وري ٻيهر اسلامي لشڪر جي سپہ سالاري بہ ان کي ئي سونپين ۽ ابوبڪر سندس باري ۾ چوي تہ هو اهڙي تلوار آهي جنهن کي الله تعالىٰ ٻاهر ڪڍيو آهي ! الله جي تلوار ڪافرن کي مارينديِ آهي يا مسلمانن کي ؟ اسلام جي تلوار مسلمانن جي ننگ ۽ ناموس جي حفاظت لاءِ اٿندي آهي يا انهن جي زائفن سان ڏاڍائي ڪندي آهي؟!

عباسي چيو : ٺيڪ آهي ابوبڪر غلطي ڪئي ليڪن اهو بہ واضح آهي تہ عمر انجي غلطين کي ٺيڪ ڪندو هو.

علوي چيو: عمر خالد تي حد جاري ڪرڻ گهري ٿي ۽ ان لاءِ وسائل بہ فراهم ڪيا هئائين تہ جيئن مٿس زنا جي حد جاري ڪري ۽ مسلمانن جي بي گناهہ قتل ڪرڻ سبب ڪيس قتل ڪري پر اهو ڪيائين ڪونہ؛ انڪري اهو بہ ابوبڪر وانگر آهي.

بادشاهہ چيو: اي علوي! تون گفتگو جي شروعات ۾ چيو هو تہ ابوبڪر رسول ﷺ جي نياڻي حضرت زهراء عليها السلام سان ناروا سلوڪ ڪيو اهو ناروا سلوڪ ڇا هيو؟

علوي چيو : ابوبڪر ڏمڪين ، تلوار ، ڍيڇارڻ ۽ زبردستي ڪري ماڻهن کان پنهنجي لاءِ بيعت وٺڻ کان بعد عمر ، قنفذ ، خالد بن وليد ، ابوعبيده جراح ۽ ٻين منافقن جي ٽولي کي علي عليه السلام ۽ فاطمہ عليها السلام جي گهر طرف روانو ڪيو . عمر حضرت زهراء عليها السلام جي در تي(جنهن در تي رسول الله ﷺ ڪيترائي ڀيرا بيهي چوندا هئا اي نبوت جا ڪتنب توهان تي سلام؛ ۽ اجازت ڪانسواءِ ان گهر ۾ داخل ڪونہ ٿيندا هئا) ڪافي ڪاٿيون گڏ ڪري انهن کي باهہ ڏني ۽ دروازي کي پڻ باهہ ڏني جڏهن فاطمہ زهراء عليها السلام عمر ۽ سندس ٽولي کي موٽائڻ لاءِ در جي پويان اچي بيٺي تہ عمر دروازي کي سائڻ عليه السلام جي طرف ڌڪو ڏنو ۽ سائڻ عليه السلام عمر جي ان زوردار ڌڪي سبب دروازي ۽ ديوار جي وچ ۾ چيپاڻجي وئي ۽ سندس فرزند (محسن) سقط ٿي پيو ۽ دروازي جي هڪ ڪلي سندس سيني ۾ ڪپي وئي ان وقت بيبي عليها السلام دانهن ڪري چيو تہ اي بابا! اي رسول الله ! ڏس تہ توکان پوءِ خطاب جي پٽ ۽ ابي قحافہ جي پٽ طرفان مون تي ڪهڙيون مصيبتون ٿيون ڪڙڪايون وڃن؟.

عمر پنهنجي حوارين ڏانهن ڏسندي چيو فاطمہ عليها السلام کي ماريو .

جلاد جي ان حڪم سان رسول ﷺ جي پياري نياڻي عليها السلام تي تازيانن جي برسات شروع ٿي ، خاتون جنت عليها السلام کي ايترو ماريو ويو جو سندس بدن رت ٿي ويو.

انهن بي رحم ڏَڪن ۽ تازيانن جا نشان سائڻ عليها السلام جي پاڪ بدن تي ثابت رهيا ۽ ايترو بيمار ۽ غمگين ٿيون جو پنهنجي بابي کان بعد ڪجهه ڏينهن بعد ئي هن دنيا کي الوداع چيو. اهڙي طرح حضرت فاطمه زهراء عليها السلام نبي ﷺ جي خاندان جي شهيد خاتون آهي . حضرت فاطمه عليها السلام عمر جي هٿان قتل ٿيل آهي.

بادشاهه چيو: جيڪو علوي چيو ڇا اهو سچ آهي؟

وزير: ها! مون پڻ تاريخ جي ڪتابن ۾علوي واريون ڳالهيون ڏٺيون آهن.

علوي چيو : شيعا انڪري ئي ابوبڪر ۽ عمر جا دشمن آهن ۽ سائن نفرت ڪن ٿا.

(علوي وڌيڪ چيو) جيڪي شيون تنهنجي لاءِ ابوبڪر ۽ عمر جي ان جرم کي ثابت ڪري سگهن ٿيون انهن مان هڪ هي آهي ته مؤرخن لکيو آهي:

حضرت زهراء عليها السلام هن دنيا مان ان حال ۾ رحلت ڪئي جو ابوبڪر ۽ عمر کان ڪاوڙيل هئي.

وري هوڏانهن رسول الله ﷺ جو فرمان آهي ته :

''اِنَّ اللهَ يَرْضَا لِرِضَاهَا وَ يَغْضَبُ لَغَضَبِهَا ''[1]

پڪ سان الله فاطمہ جي راضپي سان راضي ٿئي ٿو ۽ سندس ڏمر سان ڏمرجي ٿو. اهو ڪيترين ئي روايتن ۾ آيو آهي.

اي بادشاهہ! توکي پليءَ پت خبر آهي تہ جنهن تي الله ڏمريل هجي ان جي پڇاڻي ڪهڙي ٿيندي؟!

بادشاهہ وزير ڏانهن نهاريندي چيو: ڇا اها روايت صحيح آهي تہ حضرت زهراءعليهاالسلام ابوبڪر ۽ عمر سان ناراضگي جي حالت ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو؟!

وزير چيو: هائو! محدثن ۽ تاريخ نويسن انکي لکيوآهي.

علوي چيو : منهنجي ڳالهہ جي صحيح هجڻ جي تصديق ڪرڻ لاءِ هي قصو بہ تنهنجي رهنمائي ڪندو ؛ حضرت زهراءعليهاالسلام علي عليه‌السلام کي وصيت ڪئي هئي تہ ابوبڪر ۽ عمر ۽ سندن ٻيا ساٿي جن مٿس ظلم ڪيو سندس جنازي ۾ شريڪ نہ ٿين ۽ نہ سندس جنازي نماز پڙهن ۽ نہ وري سندس جنازو ڏسن.

---

[1] بحار الانوار : ٣٦/٤٣ (ان الله تبارک و تعالیٰ ليغضب لغضب فاطمة و يرضا لرضاها)

اهڙيءَ ريت وصيت ڪيائين تہ حضرت علي عليه السلام سندس قبر کي لڪائي تہ جيئن سندس قبر تي بہ حاضري ڀري نہ سگهن ۽ حضرت علي عليه السلام بہ انهن سيني وصيتن تي عمل ڪيو.

بادشاهہ چيو: اها تہ ڏاڍي عجيب ڳالهہ آهي ڇا سچ ۾ علي عليه السلام ۽ فاطمہ عليها السلام ائين ڪيو؟

وزير چيو : مؤرخن ايئن لکيو آهي.

علوي چيو: ابوبڪر ۽ عمر حضرت زهراء عليها السلام کي ڀي بہ تڪليف ڏني.

عباسي چيو: ڀي ڪهڙي تڪليف؟ !

علوي چيو : حضرت زهراء عليها السلام جي ملڪيت (فدڪ) تي قبضو ڪيائون.

عباسي چيو: تو وٽ ڪهڙو دليل آهي جو چوين ٿو تہ انهن ڀنهين فدڪ تي قبضو ڪيوهو؟

علوي چيو : تاريخون ان ڳالهہ سان پريون پيون آهن تہ فدڪ رسول الله صلى الله عليه وآله سائٽ عليها السلام کي بخشيو هو اهڙي ريت اهو باغ رسول الله صلى الله عليه وآله جي رحلت تائين سائٽ جي هٿ ۾ رهيو ۽ حڪومت تي اچڻ کان پوءِ ابوبڪر عمر کي ان باغ ڏانهن موڪليو ۽ ان سائٽ عليها السلام جي عملدارن کي زوريءَ تلوارن ۽ طاقت جي ڏڍ تي فدڪ کان ٻاهر ڪڍيو.

حضرت زهراء عليها السلام ان ڳالهه تي ابوبڪر ۽ عمر سان احتجاج ڪيو ليڪن انهن سائڻ جي هڪ به نه ٻڌي ۽ ڪيس (دربار مان) هٿين خالي موٽائي ڇڏيو.

انڪري سائڻ عليها السلام آخري عمر تائين ساڻن ڪونه ڳالهايو ۽ انهن سان ناراضگي جي حالت ۾ رحلت ڪئي.

عباسي چيو : ليڪن عمر بن عبد العزيز پنهنجي حڪومت جي زماني ۾ باغ فدڪ فاطمه عليها السلام جي اولاد کي موٽائي ڏنو هو.

علوي چيو: ڪهڙو فائدو ؟ جيڪڏهن ڪير تنهنجي گهر تي قبضوڪري ۽ تنهنجي مرڻ کان بعد ٻيو ڪير اچي اهو گهر تنهنجي پونئرن کي موٽائي ڏئي ته ڇا ان جو اهو ڪم قبضو ڪندڙ جي ڏوهه جي معافي جو سبب ٿي سگهي ٿو؟!

بادشاهه چيو : توهان ٻنهين (علوي ۽ عباسي) جي ڳالهين مان اهو ٿو لڳي ته ابوبڪر ۽ عمر فدڪ تي قبضو ڪيو هو.

عباسيءَ چيو : ها تاريخن ۾ ايئن لکيل آهي.

بادشاهه چيو : ايئن ڇو ڪيائون؟ !

علوي چيو : ڇو ته خلافت تي قبضي جو پڪو پهه ڪيو هئائون ۽ اهو به ڄاڻن پيا ته جيڪڏهن فدڪ فاطمه عليها السلام جي هٿ ۾ رهيو ته ان جي آمدني (جيڪا ڪجهه تاريخن

مطابق ان وقت هڪ لک ويهه هزار سونن دينارن کان بہ متي هئي) ماڻهن ۾ ورهائيندي ۽ اهڙي طرح ماڻهو علي عليه السلام جي در تي گڏ ٿيندا ۽ اها ئي ڳالهه ابوبڪر ۽ عمر کي ڪونہ ٿي وٺي.

بادشاهہ چيو : جيڪڏهن اها ڳالهه صحيح هجي تہ پوءِ انهن جي بادشاهي ۽ خلافت جو قصو تہ عجيب آهي ! جيڪڏهن انهن ٽن جي خلافت صحيح ناهي تہ پوءِ تنهنجي خيال ۾ خلافت ڪنهن جو حق آهي؟

علوي چيو: حقيقت هي آهي تہ رسول صلي الله عليه وآله ؛ الله جي حڪم سان پاڻ پنهنجا جانشين ۽ خليفا مقرر ڪيا آهن جن جو ذڪر حديث جي ڪتابن ۾ آيل حديث ۾ موجود آهي. پاڻ فرمايائون : (مونکان پوءِ) منهنجا جانشين قريش مان ۽ بني اسرائيل جي نقيبن جيترا (يعني ٻارنهن) آهن.

بادشاهہ وزيرکي چيو : ڇا اهو صحيح آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وآله ايئن فرمايو آهي؟

وزير چيو : هائو!

بادشاهہ چيو : اهي ٻارنهن ڪير آهن؟

عباسي چيو: چارڇٽا تہ مشهور آهن يعني ابوبڪر، عمر، عثمان ۽ علي عليه السلام .

بادشاهہ چيو : ٻين جا بہ نالا ٻڌاءِ؟

عباسي چپ ٿي ويو.

علوي چيو : هينئر توکي سنين جي ڪتابن ۾آيل حديث مطابق انهن جا نالا ٿو ٻڌايان:

علي ،حسن ،حسين، علي ، محمد ، جعفر ، موسيٰ، علي ، محمد ، علي، حسن ۽ مهدي عليهم السلام.

عباسي چيو: اي بادشاهه ٻڌ تہ ! شيعہ چون ٿا تہ مهدي عليه السلام حال حيات آهي ۽ سن ٢٥٥ هجري کان وٺي هن دنيا ۾ زندگي پيو گذاري ڇا اها ڳالهہ عقل سان ٺهڪي ٿي ؟ ۽ اهڙي ريت چون ٿا تہ ويجهڙو ئي آخرالزمان ۾ ظهور ڪندو ۽ زمين جهڙي ريت ظلم ۽ ڏاڍ سان ڀريل هوندي اهڙي ريت انکي عدل ۽ انصاف سان ڀري ڇڏيندو.

بادشاهہ علوي ڏانهن منهن ڪري چيو : ڇا حقيقت ۾ توهان جواهو عقيدوآهي؟

علوي چيو : ها ايئن ئي آهي ڇو تہ رسول صلي الله عليه وآله اهو فرمايو آهي ۽ سني شيعہ راوين انکي نقل ڪيو آهي.

بادشاهہ چيو: اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو هڪ انسان ايترا سال جيئرو هجي؟

علوي چيو: هينئر تائين حضرت مهدي (عج) جي زندگي کي هڪ هزار سال ٻہ نہ ٿيا آهن جڏهن تہ قرآن مجيد حضرت

نوح عليه السلام جي باري ۾ فرمائي ٿو ؛ (فَلَبِثَ فِيهِمْ أَلْفَ سَنَةٍ إِلا خَمْسِينَ عَامًا.)[1]

بس ان (نوح) انهن ۾ پنجاهه سال گهٽ هڪ هزار سال گهاريا.

ڇا الله تعالىٰ کي ايتري طاقت ڪونهي جو ڪنهن کي ايتري ڄمار عطا ڪري ؟! ڇا موت ۽ حياتي الله جي هٿ ۾ ناهي؟! ۽ ڇا الله جيڪو چاهي تنو ڪري سگهي ؟ ٻئي طرف رسول الله ﷺ حضرت مهدي (عج) بابت اهو فرمايو آهي، ۽ رسول الله ﷺ تصديق ٿيل سچو آهي.

بادشاهه وزير ڏانهن منهن ڪري چيو : ڇا اهو صحيح آهي ته رسول الله ﷺ ايئن فرمايو آهي ؟ (جيئن علوي چوي ٿو).

وزير چيو هائو![2]

بادشاهه عباسي کي چيو: بس جيڪي حقيقتون اسان تائين پهتون آهن ۽ اسان سنين وٽ موجود آهن (علوي جي ڳالهه موجب) ته حضور ڪريم ﷺ حضرت مهدي عليه السلام بابت اها خبر ڏني آهي ته پوءِ تون انجو انڪار ڇوٿو ڪرين؟!

---

[1]

[2] ان بابت بيشمار مدرڪ آهن جن مان؛ الملاحم والفتن،باب ١٩،عقدالدرر:ح٦٦ ،ينابيع المودة:ص٤٩١ ، تذڪرة الخواص ابن جوزي:باب٦و...

عباسي چيو : ڊڇان ٿو تہ عوام جاعقيدا لڏي پون ۽ ماڻهن جون دليون شيعن ڏانهن مڙي وڃن.

علوي چيو: بس ان مطابق تون هن آيت جومصداق آهين:

(إِنَّ الَّذِينَ يَكْتُمُونَ مَا أَنْزَلْنَا مِنَ الْبَيِّنَاتِ وَالْهُدَى مِنْ بَعْدِ مَا بَيَّنَّاهُ لِلنَّاسِ فِي الْكِتَابِ أُولَئِكَ يَلْعَنُهُمُ اللَّهُ وَيَلْعَنُهُمُ اللاعِنُونَ)[1] اسان جيڪي اهڃاڻ ۽ هدايتون، موڪليون آهن جيڪي انهن کي لڪائن ٿا انکان بعد جو اسان انهن کي ڪتاب ۾ ماڻهن لاءِ بيان ڪيو آهي انهن تي الله ۽ لعنت ڪرڻ وارن جي لعنت آهي.

ان حساب سان توتي الله جي لعنت آهي.

وري علوي چيو: اي بادشاهہ عباسي کان پڇو تہ هڪ عالم لاءِ ضروري آهي تہ الله جي ڪتاب ۽ رسول الله ﷺ جي فرمانن جي حفاظت ڪري يا ماڻهن جي اهڙن عقيدن جي جيڪي قرآن ۽ سنت جي خلاف آهن؟!

عباسي چيو: آءٌ ماڻهن جي عقيدن جي حفاظت ڪندس جيئن سندن دليون شيعن ڏانهن نہ جهڪن ڇاڪاڻ تہ شيعا بدعتي آهن.

---

[1] سورت بقره:آيت ١٥٩

علوي فرمايو: حقيقت ۾ توهان جا معتبر ڪتاب اسان کي ٻڌائن ٿا تہ اوهان جو اڳواڻ (عمر) پهريون شخص هوجنهن اسلام ۾ بدعت شروع ڪئي ۽ پاڻ انجي وضاحت ڪئي اٿس ۽ چوي ٿو:

”هي ڪم سٺي بدعت آهي“.

اهو نماز تراويح بابت چيائين جڏهن ماڻهن کي حڪم ڏنائين تہ (رمضان المبارڪ جي) نافلہ نماز کي جماعت سان پڙهن جڏهن تہ پڪ هئس تہ ان ڪم کي الله ۽ سندس رسول ﷺ حرام ڪيوآهي ۽ اهڙي ريت ۽ عمر جي اها بدعت الله ۽ سندس رسول ﷺ جي چٽي مخالفت هئي.[1] ٻئي طرف ڇا عمر آذان ۾ بدعت نہ آندي جو”حي علىٰ خير العمل“ کي ان مان ڪڍي ”الصلاة خير من النوم“ جواضافو ڪيائين ڇا عمر نہ هو جنهن الله ۽ رسول ﷺ جي مخالفت ڪندي زڪوات مان ”المؤلفة القلوب“ جوحصو ڪٽي ڇڏيو؟!

ڇا عمر جي بدعت نہ هئي جنهن الله ۽ رسول ﷺ جي مخالفت ۾ حج جي متعہ کي حرام ڪيو؟

---

[1] صحيح بخاري : باب تراوح جي نماز، الصواعق ابن حجر، عسقلاني ڪتاب ارشاد الساري في شرح صحيح البخاري : ج۵ ص ۴ عمر جي ان قول بابت لکي ٿو : عمر ان کي بدعت چيو ڇو تہ رسول الله (ص) جي اهڙي ڪا بہ سنت ڪونہ هئي ۽ ابوبڪر جي زماني ۾ ايئن عمل ڪونہ ٿيندو هو....

ڇا عمر الله ۽ رسول ﷺ جي احڪامن جي ڀڃڪڙي ڪندي عورتن جي متعہ کي حرام نہ ڪيو؟!

ڇا اها عمر جي بدعت نہ هئي جو هڪ زنا ڪار مجرم (خالد بن وليد) تي حد جاري نہ ڪيائين ۽ ان ڪم سان الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي مخالفت ڪيائين؟!

۽ اي عمر جا پيروڪارؤ! ۽ اهڙي قسم جون ٻيون بدعتون....

هاڻ ٻڌاءِ اوهان بدعتي آهيو يا اسان شيعا؟!

بادشاهہ وزير کي چيو: علوي جيڪي عمر جون بدعتون ڳڻايون ڇا اهي صحيح آهن؟!

وزير چيو هاڻو! ڪجهہ عالمن پنهنجي ڪتابن ۾ اهي لکيون آهن. بادشاهہ چيو : تہ پوءِ اسين اهڙي ماڻهوءَ جي پيروي ڇو ڪريون جنهن دين ۾ بدعتون آنديون؟!

علوي چيو : جيڪو دليل توهان بيان ڪيو ان ئي مطابق اهڙي ماڻهوءَ جي پيروي ڪرڻ حرام آهي. رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي : هر بدعت گمراهي آهي ۽ هر گمراهيءَ جي جاءِ جهنم جي باهہ آهي. بس جيڪي بہ عمر جي بدعتن جي ڇاڻ رکندي سندس بدعتن جي پيروي ڪن تہ يقيناً جهنم جي باهہ جا ساڻاري آهن.

عباسيءَ چيو : ليڪن چئني مذهبن جي اڳواڻن عمر جي ڪمن جي تائيد ڪئي آهي ۽ ان کي صحيح چيوآهي.

علوي چيو : اي بادشاهہ اها وري هڪ ٻي بدعت آهي.

بادشاهہ پڇيو: ڪيئن؟!

علوي چيو: انهن مذهبن جا اڳواڻ يعني ابوحنيفہ ، مالڪ بن انس، شافعي ۽ احمد بن حنبل پيغمبر ﷺ جي زماني ۾ ڪونہ هئا بلڪہ نبي ﷺ کان لڳ ڀڳ ٻہ سؤ سال پوءِ هن دنيا ۾ آيا آهن.

هاڻي ٻڌايو تہ جيڪي مسلمان انهن ۽ رسول الله ﷺ جي وچ واري زماني ۾ هئا انهن سيني جا عقيدا غلط ۽ باطل هئا؟!

ڪهڙي دليل مطابق مذهب فقط اهي چار ئي هئڻ گهرجن ۽ ٻين فقيهن جي پيروي جائز نہ هجي ؟ ڇا رسول الله ﷺ اهڙي ڪا وصيت ڪئي آهي؟!

بادشاهہ چيو : عباسي ! ان بابت ڇا تو چوين؟

عباسي چيو : اهي چار ٻين سيني کان وڌيڪ ڄاڻو هئا.

بادشاهہ چيو : ڇا ٻين سيني عالمن جو علم انهن چئن کان گهٽ آهي؟

عباسيءَ چيو: ها! ليڪن شيعہ جعفر صادق عليه السلام جي پيروي ٿا ڪن.

علوي چيو : اسين شيعا جعفر صادق عليه السلام جي مذهب جي پيروي ڪريون ٿا.ڇوتہ ان جو مذهب رسول الله صلى الله عليه وآله جو مذهب آهي، ڇو جو ان خاندان مان آهي جنهن بابت الله تعالىٰ فرمائي ٿو:

(إِنَّمَا يُرِيدُ اللَّهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ أَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيرًا)[1] حقيقت ۾ الله تعالىٰ ارادو ڪيو آهي تہ توهان اهل بيت کان هر قسم جي پليتيءَ کي پري رکي ۽ توهان کي هر طرح پاڪ رکي.

البتہ اسان شيعا ٻارنهن امامن جي پيروي ڪندا آهيون. ليڪن امام صادق عليه السلام کي تفسير، حديث ۽ ٻين علمن کي نشر ڪرڻ جو موقعو ٻين امامن کان وڌيڪ مليو - ڇاڪاڻ تہ سندس زماني جي حالات سبب کين ڪجهہ وڌيڪ آزادي هئي - ايتري تائين جو سندن درس ۾ چار هزار کان ٻہ وڌيڪ شاگرد حاضر ٿيندا هئا.[2] ۽ کين اهو پڻ موقعو مليو جو اسلام جا اهي بنياد مظبوط ڪري سگهيا جيڪي بني اميہ ۽ بني عباس طرفان لوڏيا ويا هئا. ان ئي سبب شيعن کي "جعفري" سڏيو وڃي ٿو ۽ امام جعفر صادق عليه السلام ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو جيڪو اسلام کي نئين سر زنده ڪرڻ وارو آهي.

---

[1] سورت احزاب ،آيت:٣٣

[2] الامام الصادق والمذاهب الاربعة، تاريخ بغداد...

بادشاهہ عباسيءَ کي چيو: اي عباسي تو وٽ ڪهڙو جواب آهي؟

عباسي چيو: چئن مذهبن جي اڳواڻن جي پيروي اسان سنين جي هميشہ جي عادت آهي.

علوي چيو : ايئن ناهي بلڪہ ڪجهہ بادشاهن توهان کي ان ڪم تي مجبور ڪيو آهي. ۽ اوهان بہ بغير ڪنهن دليل ۽ برهان جي انهن جي انڌي تقليد ڪئي آهي!

عباسي چپ ٿي ويو.

علوي چيو: اي بادشاهہ جيڪڏهن عباسي ان ئي حال ۾ مري وڃي تہ پڪ سان جهنمين مان آهي.

بادشاه پڇيو تہ : ڪٿان سمجهيئہ تہ هو جهنمي آهي؟

علوي چيو: ڇو تہ رسول الله ﷺ جي حديث آهي تہ جيڪو پنهنجي زماني جي امام جي سڃاڻ کان بغير مري وڃي تہ پڪ سان اهو جاهليت جي زماني جي مُردن واري موت مئو.

اي بادشاهہ ان عباسي کان پڇ ! تہ سندس زماني جو امام ڪير آهي؟

عباسي چيو: اها حديث رسول الله ﷺ کان نقل نہ ٿي آهي.

بادشاهہ وزير کي چيو:ڇا هي حديث رسول الله ﷺ کان نقل ٿي آهي؟[1]

وزير چيو: ها هي حديث رسول الله ﷺ کان نقل ٿي آهي.

بادشاهہ ڪاوڙ ۾ غضب مان چيو اي عباسي آءٌ توکي اعتماد جهڙو ماڻهو سمجهندو هئس ليڪن هينئر تنهنجو ڪوڙو هئڻ ثابت ٿي ويو.

عباسي چيو: آءٌ پنهنجي زماني جي امام کي سڃاڻان ٿو.

علوي چيو : اهو ڪير آهي؟

عباسي چيو : بادشاهہ.

علوي چيو: اي بادشاهہ توکي بہ خبرهئڻ گهرجي تہ هي ڪوڙ ٿو ڳالهائي ۽ رڳو تنهنجي چاپلوسي لاءِ ايئن ٿو چوي.

بادشاهہ چيو: ها مونکي خبرآهي تہ ڪوڙ ٿو ڳالهائي ، مونکي پنهنجي حال جي خبر آهي تہ آءٌ لائق ڪونہ آهيان جو ماڻهن جو امام ٿي سگهان ڇو تہ آءٌ ڪجهہ ڪونہ ٿو ڄاڻان ۽ پنهنجو اڪثر وقت شوق شڪار ۽ حڪومت جي ڪمن ٿو گذاريان.

بادشاهہ چيو: توهان جي نظر ۾ هن زماني جو امام ڪير آهي؟

---

[1] حافظ نيشابوري پنهنجي صحيح ۾ ج٨ ص ٧٠ تي، ينابيع المودة ص١١٧ ، نفحات اللاهوت:ص٣ صحيح مسلم ۽.....

علوي چيو: تہ منهنجي نظر ۾ هن زماني جو امام ”حضرت مهدي اروحنا فداه“ آهي. جيئن تہ سندن باري ۾ رسول اڪرم ﷺ جي حديث بہ پهريان نقل ڪئي وئي.

انڪري جنهن انڪي سڃاتو اهو مسلمان ٿي مئو ۽ جنهن ڪيس نہ سڃاتو اهوجاهليت واري موت مئو ۽ جهنم جي باهہ جو ٻارڻ هوندو ۽ جاهليت جي زماني واري ماڻهن سان اٿاريو ويندو.

اتي سلطان شاهہ سلجوقي جي چهري تي رونق آئي ۽ سندس منهن تي خوشي جا نشان ظاهر ٿيڻ لڳا ۽ حاضرين ڏانهن منهن ڪري چيائين اي جماعت ! ڄاڻي وٺو تہ آءٌ ٽن ڏينهن جي هن گفتگو مان مطمئن ٿيو آهيان ۽ معرفت ۽ يقين حاصل ڪيو آهي تہ شيعہ پنهنجي سيني عقيدن ۽ قول ۾ سچا ۽ حق تي آهن ۽ سني مذهب باطل ۽ سندن عقيدا منحرف آهن ۽ آءٌ انهن ماڻهن منجهان آهيان جيڪي جڏهن ڪٿي حق حق ڏسندا آهن تہ ان جو اعتراف ۽ پيروي ڪندا آهن. اهڙو ماڻهو ناهيان جو دنيا ۾ باطل وارن سان هجان جو آخرت ۾جهنم ۾ وڃان انڪري اوهان جي سامهون اعلان ٿو ڪريان تہ آءٌ شيعو ٿيوآهيان ۽ جيڪو بہ چاهي مون سان گڏ شيعہ ٿي ؛ الله جي برڪت ۽ رضوان تائين پهچي پاڻ کي گمراهي جي انڌيري مان ڪڍي حقيقت جي نور ڏانهن وٺي اچي سگهي ٿو.

وزير نظام الملڪ چيو: مون بہ اهو ڄاتو پئي ۽ منهنجوعقيدو هو تہ شيعہ مذهب حق ۽ سچو آهي ۽ مون پنهنجي تحقيقات جي شروع ۾ ئي اهو سمجهيو هوانڪري آءٌ بہ اعلان ٿوڪريان تہ آءٌ شيعہ آهيان

اهڙي ريت اڪثرعالم ، وزير ۽ حاضر جرنيل جن جو انگ ستر کن هو شيعا ٿي ويا.

سلطان شاه سلجوقي ۽ سندس وزير نظام الملڪ ۽ ٻين وزيرن ۽ فوجي جرنيلن ۽ شاهي دربار جي ليکڪن جي شيعہ ٿيڻ جي خبر پوري اسلامي سرزمين ۾ واءُ جيان پکڙجي وئي ۽ ان سبب ڪيترائي ماڻهو شيعہ ٿي ويا ۽ وزير نظام الملڪ (جيڪو مؤلف جو سهرو پڻ آهي) حڪم ڏنو تہ (نظاميہ) مدرسن ۾ سيئي استاد شيعہ مذهب جي تعليم ڏين.

ليڪن ڪجهہ سني عالم پنهنجي پراڻي طريقئہ ڪار ۽ باطل مذهب تي هلندا رهيا ۽ هن آيت جومصداق رهيا.

(فَهِيَ كَالْحِجَارَةِ أَوْ أَشَدُّ قَسْوَةً)[1] اهي پٿرن جهڙيون آهن بلڪہ انهن کان بہ وڌيڪ سخت. !

انهن سلطان شاهہ سلجوقي ۽ سندس وزير خلاف سازش ڪئي ۽ ان ڪانفرنس جي نتيجي کي نظام الملڪ مٿان

---

[1] بقره آيت :۷۴

هنيائون چو تہ ان جي ئي عقل ۽ تدبير سان اسلامي حڪومت هلندي هئي.

آخرڪار انهن سنين جو پليت هٿ هڪ سازش سان گڏ آستين مان ٻاهر نڪتو ۽ ٻارنهن رمضان المبارڪ سن ۴٨۵ هجري تي نظام الملڪ کي شهيد ڪيائون ۽ انڪان پوءِ بادشاهہ کي پڻ شهيد ڪيائون.

"انا لله وانا اليہ راجعون"

اهي ٻئي بزرگ حقيقت ۽ ايمان سبب الله جي راه ۾ ماريا ويا انهن ٻنهين ۽ هر ان شخص کي شهادت مبارڪ هجي جيڪي حق جي واٽ ۾ ماريا وڃن ٿا.

شيخ نظام الملڪ جي شان ۾ هڪ وڏو قصيدو چيو ويو جنهن جو ڪجهہ حصو هي آهي.

وزير نظام الملڪ هڪ قيمتي موتي هو جنهن کي رحمان پروردگار شرافت ۽ وڏائي مان ٺاهيو هو.

هو وڏو املهہ هو ليڪن زماني انجو قدر ڪونہ ڄاتو ۽ ڪيس وري صدف ۾ موتائي ڇڏيو.

بحث ۽ گفتگو کان بعد حق کي قبول ڪيائين ۽ اها گفتگو جنهن چٽن برهانن سان حق کي وائکو ڪيو تہ :

تشيع جو دين حق جودين آهي ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي، ليڪن ٻيا دين گذرندڙ سراب آهن.

ليڪن پراڻو ۽ گندو ڪينو سبب ٿيو جو ان کي شهيد ڪيائون ۽ هو اونداهي رات ۾ چمڪندڙ چنڊ ۾ تبديل ٿي ويو.

مٿس خدا جا هزارين سلام ابدي بهشت ۽ ان جي ڪمرن ۾ هميشه سندس روح کي نوازش ڏيندا رهن.

اهو ٻڌائڻ به بهترآهي ته آءٌ ان ڪانفرنس ۾ موجود هئس ۽ جيڪو وهيو واپريو انکي لکيو اٿم البته هن مختصر ڪتاب ۾ واڌاريون ڳالهيون ڪٿي ڇڏيون آهن ۽ قصي کي مختصر ڪري لکيوآهي.

ساراهون سڀ الله لاءِ ئي آهن ۽ الله جا سلام ۽ درود هجن محمدﷺ ۽ سندس پاڪ خاندان ۽ سندس نيڪ صحابين تي.

هن ڪتاب کي بغداد جي نظاميه مدرسي ۾ لکيو اٿم.

مقاتل بن عطيه